روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 23 جنوري 2023ع بمطابق 30 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 241

پنج ڪردارن رياست کي سفارتي، معاشي ۽ مالي طور نقصان پهچايو: جاويد لطيف

نواز شريف کي هر احتساب، ميڊيا ٽرائل مان گذاريو ويو. سندس چوڻ هو ته عمران خان کي اڄ به مشهور رکڻ ڪنهن جي ضرورت آهي، نواز شريف رياست لاءِ اڻڳڻيون قربانيون ڏنيون، هاڻي هو وڌيڪ قربانيون نه ڏيندو

نواز شريف ذاتي تڪليفون وساري اڳتي وڌڻ جي ڳالهه ڪئي، هن نه پهريان گارنٽي ورتي نه اڄ گهري ٿو ڇا نواز شريف هر هر قرباني ڏيندو رهندو؟ رياست کي نقصان رسائڻ وارن کي عبرت جو نشان بڻائي نواز شريف کي آڻڻو پوندو

2017ع ۾ اسان چوندا هئاسين ته ٽرٿ ڪميشن جوڙي وڃي، جڏهن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو ته پوءِ ٽرٿ ڪميشن جو ڪهڙو مطلب، اڃا ڇا ڏسڻو آهي، نومبر 2022ع تائين سرعام سرپرستي ڪئي وئي

رٽائرڊ جنرل قمر جاويد باجوا، رٽائرڊ جنرل فيض حميد ۽ عمران خان اڄ به هڪ ٻئي جا حامي بڻيل آهن، قوم جي سامهون نورا ڪشتي ڪيڏي پئي وڃي، پنج ڪردارن رياست کي سفارتي، معاشي ۽ مالي طور نقصان پهچايو

ڇا سازشي خط جي ان وقت جي اسٽيبلشمينٽ چيف کي خبر نه هئي ته اِهو ڪوڙو آهي؟ ڇا ڪيس پنڪي ۽ فرح گوگي جي ڪرپشن جو پتو نه هيو؟

ڇا صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڏيندي ثاقب نثار کي خبر نه هئي ته عمران خان پلي بواءِ آهي؟ 2017ع جي ڪردارن جي ڪيسي ۾ پئسا ڪيا وڃن: لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير جاويد لطيف چيو آهي ته نواز شريف رياست لاءِ اڻڳڻيون قربانيون ڏنيون، هاڻي هو وڌيڪ قربانيون نه ڏيندو. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مياں جاويد لطيف چيو ته نواز شريف ذاتي تڪليفون وساري اڳتي وڌڻ جي ڳالهه ڪئي، هن نه پهريان گارنٽي ورتي نه اڄ گهري ٿو ڇا نواز شريف هر هر قرباني ڏيندو رهندو؟ هن چيو ته 2017ع ۾ اسان چوندا هئاسين ته ٽرٿ ڪميشن جوڙي وڃي، جڏهن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو ته پوءِ ٽرٿ ڪميشن جو ڪهڙو مطلب، اڃا ڇا ڏسڻو آهي. نومبر 2022ع تائين سرعام سرپرستي ڪئي ويندي . (ر) جنرل قمر جاويد باجوا، رٽائرڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ناراض سياسي اڳواڻن پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ غير جماعتي فورم ٺاهڻ جو اعلان

سياستدان، فوجي، ڪامورا ۽ ميڊيا سميت اسان سڀ مُلڪي مسئلن جا ذميوار آهيون، گارگند ۽ الزام بازي واري سياست ملڪي مسئلا حل نٿي ڪري سگهي، سمورن مسئلن جو حل آئين ۾ موجود آهي: اڳوڻو وزيراعظم

ڪالهه ڪوئيٽا ۾ قومي ڊائيلاگ تي سيمينار ٿيو جنهن ۾ اسان سيني غير جماعتي بنيادن تي ملڪي مسئلن بابت ويچار ونديا

ملڪ جي سياسي صورتحال جا ذميوار اسان سڀ آهيون. اسان آئين جي ڳالهه ته ڪريون ٿا پر آئين تي مڪمل عمل نه ٿا ڪريون

اڄ جي سياست انتقام ۽ دشمني جي سياست بڻجي وئي آهي، اڄ جي سياست هڪ ٻئي کي گاريون ڏيڻ ۽ الزام مڙهڻ جو نالو آهي

اِها سياست ملڪي مسئلا حل نٿي ڪري سگهي، انهن سمورن مسئلن تي بحث ڪرڻ لاءِ هڪ فورم جوڙيو آهي جنهن جي شروعات ڪوئيٽا کان ٿي آهي

حقيقت اِها ناهي جيڪا ٽي وي تي ڏيکاري وڃي ٿي يا اخبارن ۾ ٻڌائي ويندي آهي، ملڪ کي هن وقت سياسي استحڪام جي سخت ضرورت آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته گارگند ۽ الزام بازي واري سياست ملڪي مسئلا حل نٿي ڪري سگهي، سمورن مسئلن جو حل آئين ۾ موجود آهي. ڪوئيٽا ۾ لشڪر رئيساڻي، مصطفيٰ نواز کوکر، مفتاح اسماعيل ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته ڪالهه ڪوئيٽا ۾ قومي ڊائيلاگ تي سيمينار ٿيو جنهن ۾ اسان سيني غير جماعتي بنيادن تي ملڪي مسئلن بابت ويچار ونڊيا. هن چيو ته ملڪ جي سياسي صورتحال جا ذميوار اسان سڀ آهيون. اسان آئين جي ڳالهه ته ڪريون ٿا پر آئين تي مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪوئيٽا: شاهد خاقان عباسي، مفتاح اسماعيل ۽ مصطفيٰ نواز کوکر پريس ڪانفرنس ڪندي

اليڪشن ڪميشن پنجاب جو نگران وڏو وزير مقرر ڪري ڇڏيو

پنجاب جي نگران وڏي وزير لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

اليڪشن ڪميشن محسن نقوي جي پنجاب جي نگران وڏي وزير طور مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان محسن نقوي کي پنجاب جو نگران وڏو وزير مقرر ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان ۾ ڪورونا جا وڌيڪ 9 ڪيس رپورٽ

گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪوبه فوتگي نه ٿي آهي: صحت کاتو

تيار ڪيل لسٽ ۾ ملڪ گهٽي وقت کان 53 هين نمبر تي آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪوبه فوتگي نه ٿي آهي. ڪورونا جي مريضن جي حوالي سان تيار ڪيل لسٽ ۾ ملڪ گهٽي وقت کان 53 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري گلگت بلتستان جي پارٽي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم جي سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت

شهباز شريف سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي اهڙي عمل کي مسلمانن جا جذبا مجروح ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو

سوئيڊن ۾ ساڄي ڌر جي انتهاپسند پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي جهڙي ڪُڌي فعل جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اظهار جي آزاديءَ جي نالي کي سڄي دنيا ۾ رهندڙ ڏيڍ ارب مسلمانن جي مذهبي جذبن کي مجروح ڪرڻ لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي سخت لفظن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملڪ ۾ نئين آدمشماري ٿي رهي آهي ۽ ٿيهه اپريل تائين ان جا نتيجا اچي ويندا: احسن اقبال

ايندڙ چونڊون نئين آدمشماري تحت ٿينديون، عمران خان گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ پاڻ فيصلو ڪري ويو

نارووال (م ڊ) رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ملڪ ۾ نئين آدمشماري ٿي رهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

برازيل ۾ پرتشدد احتجاج، صدر آرمي چيف کي برطرف ڪري ڇڏيو

صدر لولا ڊي سلوا ملڪ جي آرمي چيف جنرل جوليو سيزر ڊي اروڊا کي برطرف ڪري ڇڏيو

لولا ڊي سلوا جي ويجهو ڪمانڊر، جنرل تاماس ريبيرو پويا جي جاءِ تي نئون آرمي چيف مقرر ڪيو پيو وڃي

صدر پاران احتجاج ڪندڙن کي پرامن رهڻ جي تلقين ڪئي ۽ عوام کي صلاح ڏني ته هو صدارتي چونڊن جا نتيجا قبول ڪن

برازيليا (م ڊ) برازيل جي صدر لولا ڊي سلوا آرمي چيف کي برطرف ڪري ڇڏيو. برڙيهي خابرو اداري موجب برازيليا ۾ ٻن هفتن کان جاري احتجاج کانپوءِ صدر لولا ڊي سلوا ملڪ جي آرمي چيف جنرل جوليو سيزر ڊي اروڊا کي برطرف ڪري ڇڏيو. ميڊيا رپورٽن موجب آرمي چيف جنرل جوليو سيزر ڊي اروڊا 30 ڊسمبر تي عهدو سنڀاليو. جنرل اروڊا کي صدر لولا ڊي سلوا جي ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان ٻين تي چوريءَ جا الزام مڙهيا پاڻ خيراتي پئسا به کائي ويو: مريم اورنگزيب

مريم اورنگزيب اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي خواجا آصف تي ساک کي چيهو رسائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڏنل سندس بيان تي چٽي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي

ثاقب نثار جي صادق ۽ امين شوڪت خان جو خيراتي فنڊ هائوسنگ سوسائٽي ۾ لڳائڻ جو اعتراف ڪيو، عمران خان پاڻ خيرات جي پئسن جي چوري جي ڏوهه جو اعتراف ڪري رهيو آهي

ڪرڙو، فراڊي، توشا خانا ۽ زڪوات چور چوي ٿو ته توشاخانا مان چوري ڪئي ته ڇا ٿيو، رياست جا 190 ملين پائونڊ کائي ويو ته ڇا ٿيو: سڏ سماءَ بابت وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) سڏ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي خواجا آصف تي ساک کي چيهو رسائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڏنل سندس بيان تي چٽي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ مريم اورنگزيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: سڏ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي: ٽرانس جينڊر مسافرن کي ٻاهرئين ملڪ سفر کان روڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ٽرانس جينڊر جي حقن لاءِ سرگرم بن سماجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ڊي ايم ترجمان جو به اليڪشن ۾ دير ٿيڻ جو اشارو

هنگو (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ مومينٽ (پي ڊي ايم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مُلڪ ان لاءِ نه ٺهيو هو ته ماڻهو غربت ۾ زندگي گذارن، عوام کي حق ڏنا وڃن: مفتاح اسماعيل

ملڪ ۾ مهانگائي عروج تي آهي ۽ حڪومتي ادارا اربين رُپين جو نقصان ڪري رهيا آهن. گذريل ڇهن مهينن دوران جيڪو ڪجهه ٿيو

هاڻي آءِ ايم ايف سان ڳالهيون شروع ٿي وڃن آهن جيڪو سٺو سنئون آهي، هلندڙ سال پاڪستان کي 21 ارب ڊالر واپس ڪرڻا آهن

عوام ڏکيائين منهن ڏئي رهيو آهي، حڪومت تعليم ۽ صحت بدران قرض جي قسط ادا ڪندي، قسطون ادا ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي وڌيڪ لنگهڻ ڪاٽڻ جي گنجائش نه آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته ملڪ ۾ مهانگائي عروج تي آهي ۽ حڪومتي ادارا اربين رُپين جو نقصان ڪري رهيا آهن. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ۾ ليگ اڳواڻ مفتاح اسماعيل چيو ته گذريل ڇهن مهينن دوران جيڪو ڪجهه ٿيو ان تي افسوس ٿيو، هاڻي آءِ ايم ايف سان ڳالهيون شروع ٿي وڃن آهن جيڪو سٺو سنئون آهي . هن چيو ته ويهه ورهين دوران قرض وڌندو پيو وڃي، هلندڙ سال پاڪستان کي 21 ارب ڊالر واپس ڪرڻا آهن. مفتاح اسماعيل چيو ته عوام ڏکيائين منهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر عابد رضا ملاقات ڪندي

رياست جي پوري تياري آهي ته رائو انوار کي بري ڪرايو وڃي: جبران ناصر

نقيب الله کي ناجائز قتل ٿئي پنج ورهيه وهامي ويا آهن، رياست جي پوري ڪوشش آهي ته رائو انوار ۽ سندس ٽيم کي بري ڪرايو وڃي

23 هين جنوري تي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ ڪيس جو فيصلو اچڻ وارو آهي، ڪيس ۾ نامزد ست پوليس آفيسرن اڃا تائين روپوش آهن

رياست جي پوري تياري آهي ته رائو انوار ۽ سندس ٽيم کي بري ڪرايو وڃي، ڪيس ۾ نامزد جوابدارن خلاف سمورو رڪارڊ پڻ ختم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ مبينا جعلي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان نقيب الله محسود جي وارثن جي وڪيل ۽ سماجي اڳواڻ جبران ناصر الزام لڳايو آهي ته رياست جي پوري ڪوشش آهي ته رائو انوار ۽ سندس ٽيم کي بري ڪرايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ حڪومت تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي: شازيه عطا مري

ملڪ جي پوئتي پيل علائقن ۾ معياري تعليمي ادارا قائم ڪيا ويا آهن. ڪيڊٽس کي گهرجي ته قائداعظم جا قول ياد رکن ۽ ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

پاڪستان پيپلزپارٽي وفاقي حڪومت جو حصو بڻجي عوام جي خدمت ڪري رهي آهي بهتر ۽ مضبوط پاڪستان بڻائڻ اسان سڀني جو فرض آهي

سانگهڙ شاندار تعليمي نتيجن سبب صوبي ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، پاڪستان ۾ تعليم جي واڌاري ۽ مثبت سرگرمين ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ڪيڊٽ ڪاليج ۾ 26 هون والدين جو ڏهاڙو ملهايو ويو. غريب جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير محترمه شازيه عطا مري خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. سندس آمد تي ڪمانڊنٽ ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سانگهڙ: وفاقي وزير شازيا مري پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ ڪيڊٽ کي ميڊل سان نوازيندي

ڪراچي ۾ خانداني دشمني جي نتيجي ۾ رينجرز اهلڪار قتل

فائرنگ جي نتيجي ۾ مارجي ويل همراهه جي خالد حسين جي نالي سان سڃاڻپ ٿي آهي

رينجرز هيڊ ڪوارٽر ۾ مقرر هو، مقتول کي خانداني دشمني سبب نشانو بڻايو ويو آهي: ايس ايس پي ايسٽ

اهلڪار جي پاءُ کي به ڪجهه سال اڳ قتل ڪيو ويو هو، واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ راشد منهاس روڊ تي هٿياربند فائرنگ ڪري هڪ ڄڻي قتل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ مارجي ويل همراهه جي خالد حسين جي نالي سان سڃاڻپ ٿي آهي جيڪو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

باشعور ماڻهو تير تي ٺپو هڻي بيٽ کي ٽوڙي ڇڏيو: اسماعيل راهو

سنڌ جي باشعور ماڻهن تير جي وار ڪري بٽ کي ٽوڙي ڇڏيو: پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ

بلدياتي چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي شڪست عمران خان جي مقبوليت ۾ گهٽتائي جي نشاني آهي

ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي عبرتناڪ شڪست به عمران خان جي زوال جي نشاني آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ يونيورسٽين واري وزير اسماعيل راهو جو چوڻ آهي ته سنڌ جي باشعور ماڻهن تير جي وار ڪري بٽ کي ٽوڙي ڇڏيو پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته بلدياتي چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

نواز شريف کي (ن) ليگ قيادت جون آڊيو ۽ وڊيو منظر تي آڻڻ جي ڌمڪي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ ۽ اڄ ڪلهه شيخ رشيد جي جاءِ تي اسٽيبلشمينٽ جو ترجمان بڻيل فيصل واوڊا هڪ ٽي وي چينل کي انٽرويو ڏيندي نواز شريف کي اڻ سڌي طرح ڌمڪي ڏني آهي ته جيڪڏهن عمران پراجيڪٽ جي ڪردارن کي عوام آڏو تنقيد جو نشانو بڻايو ويو ته پوءِ ان جو جواب به ايندو. فيصل واوڊا موجب جنرل (ر) فيض حميد وٽ صرف پي ٽي آءِ وارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

موسميات کاتي سنڌ ۾ ٿڌ جي هڪ ٻي لهر کان خبردار ڪري ڇڏيو

اڄ کان ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف حصن ۾ ٿڌ جي هڪ ٻي لهر اچڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

حيدرآباد، بدين، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن ۾ ايندڙ 5 ڏينهن تائين پارو 8 کان 6 ڊگري تائين ڪرڻ جو امڪان

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي سنڌ ۾ ٿڌ جي هڪ ٻي لهر کان خبردار ڪري ڇڏيو ڏينهن ڪيل اڳڪٿي ۾ پاڪستان ميٽرولاجيڪل ڊپارٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

حيدرآباد جو ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ 7 چيئرمين پ پ جا هوندا

2 ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين پي ٽي آءِ جا هوندا

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جو ايوان 239 ميمبرن تي مشتمل هوندو: ذريعا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي ٻئين وڏي شهر حيدرآباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي 160 سان 94 سيٽون کٽي ورتيون آهن. ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ 7 ٽائون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حڪومت مريم نواز جي ڏيهه واپسي جو باضابطا اعلان ڪري ڇڏيو

ن ليگ جي چيف آرگنائزر مريم نواز 28 هين جنوري تي وطن واپس پهچندي: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله

مريم نواز 27 هين جنوري تي لنڊن کان دبئي لاءِ روانو ٿيندي ۽ 28 ڊسمبر تي علامه اقبال هوائي اڏي پهچندي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناء الله مريم نواز جي ڏيهه واپسي جو باضابطا اعلان ڪري ڇڏيو پنهنجي هڪ بيان ۾ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناء الله چيو ته ن ليگ جي چيف آرگنائزر مريم نواز 28 هين جنوري تي وطن واپس پهچندي، هن چيو ته مريم نواز 27 هين جنوري تي لنڊن کان دبئي لاءِ روانو ٿيندي ۽ 28 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد : وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

لاس اينجلس جي ڊانس ڪلب ۾ فائرنگ، 10 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي مرڻينگ

لاس اينجلس جي مانٽيري پارڪ نالي علائقي ۾ ٿيندڙ هڪ تقريب دوران فائرنگ ڪئي وئي، نتيجي ۾ 10 ماڻهو مارجي ويا

16 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اڃا تائين مارجي ويلن بابت سرڪاري انگ اکر جاري نه ٿي سگهيا آهن. ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا آهن

رات 10 وڳي کانپوءِ پيش آيو، واقعي جي زخمين کي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو، جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي يا نه

لاس اينجلس (م ڊ) آمريڪي رياست ڪيلفورنيا ۾ ٿيڻ چيني سال جي حوالي سان ٿيل هڪ تقريب ۾ فائرنگ سبب گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن ميڊيا رپورٽس موجب لاس اينجلس جي مانٽيري پارڪ نالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

رائونتي جي ڪچي ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن، پنج مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي!

پوليس پاران 5 مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي، پوليس پاران بازياب ڪرايل مغوين ۾ حيدرآباد، پشين ۽ ڪوئيٽا جي رهواسي شامل آهن

مختلف علائقن مان اغوا ڪيل درجنين ماڻهن کي رائونتي جي ڪچي ۾ رکيو ويو آهي، سمورن مغوين جي بازيابي ۽ شهيد پوليس آفيسرز جي بلاند تائين ٽارگيٽڊ آپريشن جاري رهندو

گذريل ڏينهن پوليس سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ انعام يافته فيضو شر سميت 2 ڌاڙيل مارجي ويا هئا: ايس ايس پي تنوير تنيو جون صحافين سان ڳالهيون

رائونتي (رپورٽر) رائونتي جي ڪچي ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري آهي ۽ آپريشن کي وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ پوليس پاران 5 مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي. ميڊيا رپورٽس موجب پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي جي ميئر لاءِ ڊڪ ڊوڙ، جماعت اسلامي جو وفد ن ليگ وٽ پهچي ويو

جماعت اسلامي جو ميئر بڻبو ته اُهو شهر جي ساڍن ٽن ڪروڙ ماڻهن جو ميئر هوندو، سيني کي گڏ کڻي هلڻ جي اهليت رکون ٿا: حافظ نعيم الرحمان

شهر جي ترقي لاءِ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، چاهيون ٿا ته ن ليگ جو شاهه محمد شاهه اتفاق راءِ لاءِ ڪردار ادا ڪري: جماعت اسلامي جو اڳواڻ

پ پ سان ميئر يا ڊپٽي ميئر بابت ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي، سڀ کان وڌيڪ ووٽ ۽ سيٽون جماعت اسلامي جون آهن، ووٽن جي هيرا ڦيري خلاف ناهيون

ڪراچي (م ڊ) جماعت اسلامي جي وفد حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ ن ليگ جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ۽ شهر جي ترقي لاءِ ميئر جي چونڊ لاءِ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم ن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

مڪاني چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام، ايم ڪيو ايم جو مطالبن جي مڃتا لاءِ رستن تي اچڻ جو چتاءُ

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي شهري علائقن ۾ ٻهراڙيءَ جا علائقا شامل ڪري ڌانڌليون ڪيون ويون: خالد مقبول صديقي

ڪير اهو نه سمجهي ته اسان خاموش ٿي ويهنداسين، عدليا سميت هر فورم تي آواز اٿاريو پر ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو

هاڻي رستن تي اچڻ جو فيصلو ڪيو آهي، مڪاني چونڊن ۾ پري پول رگنگ ثابت ٿيل آهي، اليڪشن ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين

حيدرآباد (رپورٽر) ايم ڪيو ايم ڪراچي ۽ حيدرآباد جون نئين سر ترڪبنديون نه ٿيڻ جي صورت ۾ رستن تي اچڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي. حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خالد مقبول، مصطفيٰ ڪمال ۽ وسيم اختر ۽ ٻين چيو ته ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيدر آباد: ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

عمران جي سياسي خودڪشي، چونڊن جي بائيڪاٽ جو فيصلو

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ محسن رضا نقوي جي نگران وڏي وزير مقرر ٿيڻ واري امڪان ۽ 27 جنوري تي مريم نواز جي واپسي واري اطلاع کانپوءِ عمران خان سياسي خودڪشيءَ جهڙو صوبائي چونڊن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو آهي. ناميارا صحافي موجب عمران خان غير منطقي ۽ غير سياسي فيصلن سبب سياسي طور مسلسل ناڪام ٿي رهيو آهي. قومي اسيمبليءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ملڪ محمد صديق جو والد رضا الاهي سبب وفات ڪري ويو

جنازي نماز ۾ شهر جي صحافين، واپارين، بزرگن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

فوتي جو لاش خاڪي جي مقامي قبرستان ۾ گوڙها آٿيندڙ اکين آڏو دفنايو ويو

روهڙي (عبدالرب قريشي) سينيئر صحافي ملڪ عمران شاهد ملڪ ڪامران ٽريبرز جو ڪامران ملڪ رضوان سندس والد ملڪ محمد صديق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عمران خان تي حملي جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي جا ميمبر تبديل

لاهور (م ڊ) وزيرآباد ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان تي حملي جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي طرفان سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر تي اعتراض وارڻ بعد جي آءِ ٽي جي ميمبرن کي ئي تبديل ڪيو ويو آهي. سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ عمران خان تي حملي جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي ۾ ٽون ميمبرن جي مقرري جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاهور: حلقہ اين اي 121 ۾ مهانگائي خلاف نڪتل ريلي کي پي ٽي آءِ اڳواڻ خطاب ڪندي

پاڪستان ۾ ڪورونا جا وڌيڪ 9 ڪيس رپورٽ

24 ڪلاڪن دوران شرح صرف 0.24 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

هن وقت تائين 30 هزار 640 ڪورونا وائرس جا مريض فوت ٿي چڪا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن جي شرح ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪوبه فوتگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گهوٽڪي جا صنعتي ادارا رهواسين لاءِ عذاب بڻيل، سڄاڻ ڌرين پاران عدالت سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو

ضلعي جي صنعتي ادارن جي انتظاميا پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ پڻ جاري، انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن واهر نه ڪئي

ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري، ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو پوريا ڪمپني پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي: سماجي اڳواڻ

يونائيٽيڊ نيشن آرگنائيزيشن، يونيسڪو کي موڪلڻ سان گڏ و گڏ عدالت سان رجوع ڪيو ويندو ۽ هاڻي صنعتي ادارن جو مقامي ماڻهن سان وڌيڪ ظلم برداشت نه ڪيو ويندو

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ميرپور ماٿيلو: گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي انتظاميه پاران مقامي ماڻهن کي مڪمل طور نظر انداز ڪرڻ، رائيلٽي نه ڏيڻ، سي ايس آر فنڊ خرچ نه ڪرڻ ۽ مقامي ماڻهن کي رليف فراهم نه ڪرڻ، فضائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهوٽڪي: ضلعي جا صنعتي ادارا جيڪي مقامي ماڻهن کي روزگار نٿا ڏين

ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري جي
ديوار جي پرسان ڳوٺن جي ڪا به
سار سنڀال ناهي ڪئي وئي

ميرپور ماٿيلو: ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري جي ديوار جي پرسان جيڪي ڳوٺ آهي، انهن ڳوٺن جي ڪا به سار سنڀال ناهي ڪئي وئي، جيڪي غريب ۽ ويلاماني ڪاڻ لاءِ به سخت پريشان آهن ۽ سخت سردي سبب سندن جا حال هيٺا ٿي ويا آهن، پر افسوس جو ايف سي پاڻ فيڪٽر غريب ڳوٺاڻن جي ڪا مدد ڪئي آهي.

ڪراچي ڪمشنر روزمره شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هدايتون ڪري ڇڏيون

اسسٽنٽ ڪمشنر فيروزآباد اٽي جو وڌيڪ اگهه وٺڻ تي اٽي جي گودام کي سيل ڪري ڇڏيو

منافعي خورن کي بخش نه ڪبو، وڌيڪ اگهه وٺندڙ چڪي مالڪن خلاف ڪارروايون ڪبيون: اي سي

ڪراچي (رپورٽر) ڪمشنر ڪراچي طرفان روز مره جي استعمال هيٺ مختلف شين جي اگهن جون ريٽ لسٽون جاري ڪندي انتظاميا کي اگهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ ضلعي اوڀر جي ڊي سي راجا طارق چانڊيو جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر فيروزآباد عاصمه بتول اٽو جو وڌيڪ اگهه وٺڻ تي چڪي اٽي جي گودام کي سيل ڪري ڇڏيو جڏهن ته اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سرجاڻي ٽائون جي رهواسين کي لينڊ مافيا پاران ڌمڪيون ۽ گهرن تي قبضو ڪرڻ خلاف مظاهرو

ڳوٺ جي رهواسين مهراب بگٽي، سهڻو خان جڪراڻي، پنهنجي معصوم پٽ ڏتي بخش جڪراڻي، سان گڏ صحافين اڳيان دانهيو

ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود پوليس ڪو به هوڻو نه، بارو اسان جي گهرن تي قبضو ڪري ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي لينڊ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي: مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) سرجاڻي جي جلاڻي ڳوٺ جي رهواسين کي لينڊ مافيا پاران ڌمڪيون ملڻ ۽ گهرن تي قبضو ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج. سرجاڻي پوليس ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود پوليس ڪو به هوڻو نه، بارو اسان جي گهرن تي قبضو ڪري بليڪ ميل ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون، تفصيل موجب سرجاڻي ٽائون جي جلاڻي ڳوٺ جي رهواسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي نادرن باءِ پاس عمر بروهي
ڳوٺ وٽ نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ
۾ هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلشن معمار ٿاڻي جي حد نادرن باءِ پاس عمر بروهي ڳوٺ وٽ نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ خادم حسين ولد ڏتي بخش زخمي ٿي پيو زخمي ٿيل کي علاج لاءِ عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته گلشن معمار ٿاڻي جي پوليس واقعي جي رپورٽ درج ڪري ورتي آهي

ڪراچي: سرجاڻي ٽائون جا رهواسي لينڊ مافيا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ انتظاميه جي نااهلي بنا جواز گئس جي لوڊشيڊنگ سبب شهري سخت پريشان

مختلف سرڪاري نيم سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم، پوريهت طبقي جا ماڻهو توڙي اسڪولي شاگرد ۽ شاگرديائيون بنا ناشتي وڃڻ تي مجبور

لوڊشيڊنگ جو مقرر وقت نه هئڻ ڪري اوچتو گئس بند ٿيڻ ڪري شهري هر وقت مشڪلات کي منهن ڏيڻ لڳا، لاڳاپيل انتظاميه ڪو به تدارڪ نه ڪيو

گئس جي لوڊشيڊنگ جو نوٽيس وٺي گئس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي شهرين کي پريشاني مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي: شهرين جو مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نااهلي بنا جواز گئس جي لوڊشيڊنگ سبب شهري سخت پريشان مختلف سرڪاري نيم سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم، پوريهت طبقي جا ماڻهو توڙي اسڪولي شاگرد ۽ شاگرديائيون صبح جو بغير ناشتو ڪرڻ جي وڃڻ تي مجبور، لوڊشيڊنگ جو مقرر وقت نه هئڻ ڪري اوچتو گئس بند ٿيڻ ڪري شهري هر وقت مشڪلات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ پائلٽ پروگرام پارٽنرشپ منصوبي بابت اجلاس

اجلاس جي صدارت اين جي اوز جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر زاهد کهڙو ڪئي

ضلعي کي ان قسم جي واقعن جو موثر جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي انتظاميا ۽ گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن (FAO_UN) پاران "ECHO" FAO_پائلٽ پروگرام پارٽنرشپ "(PPP)" منصوبي تحت جيزوي ضلعي آفيس دادو ۾ هڪ گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ ضلعي سطح تي تجويز ڪيل عمل ۽ شاڪ ريسپانسو سوشل پروٽيڪشن تي ضلعي ٽيڪنيڪل ورڪنگ گروپ جي قيام تي ڌيان ڏنو ويو اجلاس جي صدارت اين جي اوز جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر زاهد کهڙو ڪئي، جڏهن ته ضلعي جي اسٽيڪ هولڊرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: پائلٽ پروگرام پارٽنرشپ منصوبي بابت منعقد اجلاس جو ڏيک

وارهه پرسان 28 سالہ نوجوان
ٽريڪٽر شافٽ ۾ وچڙڻ سبب
فوت ٿي ويو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه لڳ ڳوٺ سليمان پيرزادو واسي 28 ساله فدا حسين ولد علي گل پيرزادو ٽريڪٽر شافٽ ۾ وچڙڻ سبب فوت ٿي ويو، زرعي شاخن ۾ ڪٽڪ لاءِ پاڻي نه اچڻ ڪري مقتول هوڙ جي بيٺل پاڻي مان ٽريڪٽر ذريعي لفٽ مشين (بڪو) لڳائي ڪٽڪ جو فصل پرائي رهيو هيو، جنهن دوران ڪپڙو شافٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊي باگي جي آبادگارن کي اڃا تائين حڪومت پاران اعلانيل ٻج ۽ پاڻ جا پئسا نه ملي سگهيا

تعلقي ۾ هزارين ايڪڙن تي پوکيل ڪپهه، ڪمند ۽ ساريالو فصل ٻڏي ۽ سڙي وڃڻ باوجود متاثرن جو ڪو به ازالو نه ٿيو

فصل جي پوکائي جو خرچ نه هجڻ ڪري ٽماٽو مرچ، سرنهن، ڪمند، ڪٽڪ جي پوکائي نه ٿي سگهي، آبادگار پريشان

تعلقي ۾ فصلن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرڻ بجاءِ رڳو پنهنجي من پسند ۽ واسطيدار ماڻهن جي رڪارڊ سروي ۾ شامل

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) گذريل برساتي ٻوڏ ڪان پوءِ تعلقي ٽنڊي باگي جي آبادگارن کي اڃان تائين حڪومت طرفان اعلانيل ٻج ۽ پاڻ جا پئسا نه ملي سگهيا، آبادگار پريشان، خبر موجب گذريل برساتن ۽ سر تالن کي ٻيل گهارن ڪان پوءِ تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هزارين ايڪڙن تي پوکيل ڪپهه، ڪمند ۽ ساريالو فصل ٻڏي ۽ سڙي وڃڻ ڪري آبادگارن کي ڪروڙين روپين جي ٿيل نقصان جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ پنهنجي پڄاڻي تي پهتي

ڪئمپ دوران ٻي هزار چاليهه مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو، 936 مريضن جا فيڪو آپريشن

هن مفت ڪيمپ جو سمورو خرچ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪراچي ادا ڪيو آهي: اڳواڻ

آخر ۾ ڪئمپ جي اڳواڻن ڊاڪٽرن ٽيڪنيڪل ٽيم ۽ والنٽيئرز جو شڪريو ادا ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممن پاران ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ پنهنجي پڄاڻي تي پهتي جنهن ۾ ٻي هزار چاليهه مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو جن مان 936 مريضن جا فيڪو مشين ذريعي آپريشن ڪيا ويا ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن محمد حنيف جانو، منير احمد ميمڻ، اعجاز ممنائي، صفدر عباس ميمڻ، ڊاڪٽر خادم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز: يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت پاران قائم ڪيل ٽن ڏينهن جي مفت اکين جي جشمپ جو ڏيک

ڪنڊيارو ۾ بدامني ۽ سماجي
براين خلاف آل پارٽيز الائنس
پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر ۾ وڌندڙ بدامني سماجي براين ۽ مهانگائي خلاف آل پارٽيز الائنس ۽ شهرين جي احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب ڪنڊيارو ۾ وڌندڙ بدامني سماجي براين ۽ مهانگائي خلاف آل پارٽيز الائنس ۽ شهرين سيد عابد علي شاه دلنواز مگريو ظفر ڪوسو ذوالفقار ملاح سنڌو نواز گهانگهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي برطرف ڪچن ملازمن بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

برطرف ملازمن سليم علي جوڻيجو، عامر علي چنو، فيصل شيخ، علي گل مگسي، وحيد علي شيخ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪامورن 131 ملازمن کي بلاجواز ۽ بغير شوڪاز نوٽيس جي نوڪرين تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

اسان کي بحال ڪري مستقل ڪيو وڃي يا ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ضم ڪري وڌيڪ بيروزگاري کان بچايو وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي برطرف ڪچن ملازمن بحالي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي برطرف ملازمن سليم علي جوڻيجو، عامر علي چنو، فيصل شيخ، علي گل مگسي، وحيد علي شيخ ۽ ٻين ڏانهنيندي چيو ته سال 2019 دوران سپريم ڪورٽ پاران جوڊيل واٽر ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس يو پي ڪراچي ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق شر لاڏاڻو ڪري ويو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي چيئرمين سيد جلال محمود شاهه ۽ ٻين پاران ڏک جو ظهار

عبدالرزاق شر جي لاڏاڻي سان پارٽي هڪ سگهاري اڳواڻ کان محروم ٿي وئي آهي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق شر اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس حياتي جو آخري ڏهاڙو به سنڌ سياسي جستجو وارو گذريو هو حب پرسان ٻوڏ متاثر ڪئمپ ۾ تعزيتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ جسڪاڻي مائينرون جو لائننگ وارو پڪو ڪم جاري

هلنڊڙ ايريگيشن ڊويزن مورو جي انجنيئر سميت عملو مڪمل غائب، اختياريون خاموش

ٺيڪيدار ٽي انچ ڀرائي بجائي ٻه انچ ڀرائي ٿيڻ لڳو، سڄاڻ ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) داد هيبو موري کان جسڪاڻي مائينر ون جو لائننگ وارو پڪو ڪم هلنڊڙ ايريگيشن ڊويزن مورو جي انجنيئر سميت عملو مڪمل غائب جڏهن ته ٺيڪيدار پاران ٽي انچ ڀرائي بجائي ٻه انچ ڀرائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: جسڪاڻي مائينرون جو لائننگ وارو پڪو ڪم جاري ڪيو پيو وڃي

گهارو: ٽائون چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي لاءِ پ پ پ جي گروپن ۾ اندروني ڇڪتاڻ

پيپلز پارٽي جي سينئر گروپن جي گهاري ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين شپ تي نظر

جام اويس گهرام جو ڪيو دبئي ويل آهي سندس اچڻ بعد فائنل فيصلو ڪيو ويندو: ذريعا

گهارو (بشام جوکيو) بلدياتي اليڪشن جي پهرين مرحلي ڪانپوءِ ٻئي مرحلي ٽائون چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي لاءِ پيپلز پارٽي جي گروپن ۾ اندروني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پريا روڊ ۾ جوابدار 12 سالن جي نينگر تي تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي ٿيل نوجوان کي ميڊيڪل ليٽر ڏنو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

نينگر کي پٺي ۾ لوهي اوزار سان ڌڪ لڳل آهي، سندس حالت ڳڻتي جوڳي آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياروڊ پرسان ڪمند جي چڙهي ڪٽڻ تان وحشي صفت زميندار پاران 12 سالن جي نينگر شاهزيب گاهيجو کي لوهي (رنبو) سان وحشياڻو تشدد ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو پرياستي اسپتال بعد ڳڻتي جوڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پڊعيدن پرسان ڳوٺاڻي پاران بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

آٺون جيئڻ پنهنجي زمين تي آيس ته بااثر ڏنڊا کڻي اچي مون سان رڙهيا آهن: علي محمد لاشاري

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، ڪيس داخل ڪيو وڃي، مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پڊعيدن پرسان ڳوٺ چتوخان لاشاري جي رهواسي علي محمد لاشاري جو بااثر ماڻهن جي ناجائزين موت مار ڌمڪين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پڊعيدن: ڳوٺاڻو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

پرياستي ۽ آسپاس بدامني وڌي وئي، چورين ۽ ڦرون معمول بڻجي ويون

سيپڪو پرياروڊ جي لائين مين گاهي خان گوپانگ کان هٿيارٻند ڦر ڪري ويا

سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو: متاثر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياستي ۽ آسپاس بدامني وڌي وئي واپڊا اهلڪار ڪان موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر، پرياستي پوليس چورن سان پٽ بڻيل آهي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي - واپڊا يونين چيئرمين سڪندر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهوٽڪي ۾ برسات متاثرن جا مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ کليل ڪچهري

انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي سندن موبائل نمبرن تي رقم موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويندو: اڳواڻ

برسات دوران مختلف حادثن ۾ فوت ٿي ويلن جي وارثن کي هر فوتي تي 10 لک روپيا فراهم ڪيا ويندا

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) برسات متاثرن جا مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ سرڪٽ هائوس گهوٽڪي ۾ کليل ڪچهري، سيڪريٽري ريونيو، سيڪريٽري زراعت، ڊائريڪٽر آبريشن بي ڊي اير اي، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهوٽڪي: برسات متاثرن جا مسئلا معلوم ڪرڻ لاءِ کليل ڪچهري منعقد

بدين جي پاران واهن مان غير قانوني طور مٽيءَ جي کاٽي جاري

واهن جا بند ڪمزور ٿي ويا، لاڳاپيل انتظاميه ڪو به نوٽيس نه ورتو، رهواسين جون دانهون

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) گولاڙچي جي گهوني ريگيوليٽر لڳ ٺيڪيدارن پاران واهن مان غير قانوني طور مٽيءَ جي کاٽي جاري واهن جا بند ڪمزور ٿي ويا رهواسين جون دانهون خبر موجب گولاڙچي جي واهن مان گهوني ريگيوليٽر لڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مڪلي ۾ ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد، مختلف ضلعن جي ٽيمن جي شرڪت

حصو وٺندڙ ٽيمن شرڪت ڪري ڪراٽي ٽو شيبوڪائي جي مختلف بيلٽن ذريعي راند جو مظاهرو ڪيو

ڪراٽي چيمپيئن شپ جو مقصد نوجوانن ۾ صحتمند ماحول پيدا ڪري سماجي براين کان بچائڻ آهي: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽ جاويد ميمڻ) سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪلي تي ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائي وئي جنهن ۾ مختلف ضلعن مان ڪراٽي ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن شرڪت ڪري ڪراٽي ٽو شيبوڪائي جي مختلف بيلٽن ذريعي راند جو مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪنڊيارو ۾ جماعت اصلاح المسلمين سالانا حلف برداري ۽ تربيتي ورڪشاپ

خليفا قاضي مشهود احمد طاهري خليفا محمد حنيف سولنگي مشتاق سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

قاضي مشهود قريشي، غلام مصطفي ڏاهل ۽ ٻين خطاب ڪيو، آخر ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪنڊيارو جماعت اصلاح المسلمين زون ون نوشهروفيروز جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب، 38 برانچن جي عهديدارن حلف کنيو ڪنڊيارو جماعت اصلاح المسلمين ضلعي نوشهرو فيروز زون ون جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪنڊيارو: جماعت اصلاح المسلمين جي منعقد ڪيل سالانا تقريب

ناروشاهه ۾ مهانگائي ۽ موٽروي اسڪينڊل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ سونهري کان نابينن غلام سرور سولنگي رجب سولنگي ۽ ٻيا رهواسي ٽي ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب پهتا

وڌندڙ منهگائي سبب عوام ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهي ۽ هر ڪاتي ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن ٿي رهي آهي: مظاهرين

فوري طور منهگائي ختم ڪري ڪرپشن ۾ ملوث ٺيڪيدارن ڪامورن ۽ ٻين کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۾ وڌندڙ مهانگائي موٽروي اسڪينڊل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ اٽي جي کوٽ خلاف نابين ڪتنب ۽ سماجي اڳواڻن جو احتجاج. ناروشاه پرسان ڳوٺ سونهري کان نابينن غلام سرور سولنگي نذير سولنگي رجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ناروشاهه: رهواسي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ڪراچي ٽريفڪ پوليس پٽا
وصولي ڪرڻ ۾ رڌل، ٽرڪ اڏي تي
مقرر ٿيل عملدار ترتپائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ٽريفڪ پوليس پٽا وصولي ڪرڻ ۾ رڌل ٽرڪ اڏي تي مقرر ٿيل ٽريفڪ عملدارن صحافي جي گهر پاڻي کڻي ايندڙ ٽينڪر کي روڪي زبردستي 500 سئو پٽو وٺي ڪيس ڇڏيو ويو ان حوالي سان ورتل معلومات موجب ايس او ٽريفڪ محمد رياض سسٽم تحت گذريل 8 سالن کان ساڳي ٽريفڪ سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گهگهر ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، چورين ۽ ڦرون معمول بڻيل

انتظاميا اگهور ننڊ ستل، علائقي واسي عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا

ايم ڊي جي مڪ گيٽ اڳيان پيار علي لاشاري کان هٿيارٻند ڦر ڪري ويا

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي علائقي گهگهر ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي وارداتون روز جو معمول بڻيل انتظاميا اگهور ننڊ ستل، علائقي واسي عدم تحفظ جو شڪار تفصيل موجب اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي حد گهگهر ڦاٽڪ سان گذريل رات لڳ ڀڳ 1 وڳي ملير جي سينيئر صحافي اصغر علي لاشاري جي ڀاءُ پيار علي لاشاري کان گهگهر پوليس چوڪي لڳ ايم ڊي اي جي مڪ گيٽ اڳيان ڦورو 55/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ برهماڻي اتحاد طرفان احتجاجي مظاهرو

پوليس ڪورٽ جي دروازي تان حيات برهماڻي کي کڻي گم ڪري ڇڏيو

پوليس پاران رات جو ڪوڙو مقابلو ڏيکاري بيگناه حيات برهماڻي کي هاف فرائي ڪيو ويو: مظاهرين

ايس ايڇ او پوسٽ انچارج اي ايس آئي بااثر وڏيري جي ونگار وهندي حيات برهماڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن

دادو (رپورٽ) دادو ۾ برهماڻي اتحاد طرفان احتجاجي مظاهرو ڪندي سردار احمد خان برهماڻي، رئيس اڪبر برهماڻي، رئيس مير احسين برهماڻي، قائم برهماڻي، حمل برهماڻي، ۽ ٻين ٻڌايو ته حيات برهماڻي تي بااثر وڏيري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا جڏهن ته حيات برهماڻي کي دادو پوليس ڪورٽ جي دروازي تان حيات برهماڻي کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي رات جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اخبارن ۾ اشتهار هلائڻ لاءِ
هزارين روپيه جاري پر ڪنهن
به رهواسي جي واهر نه ٿي

ميرپور ماٿيلو: ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري جي انتظاميه پاران مقامي سنڌي اخبارن ۾ اشتهار هلائڻ لاءِ هزارين روپيه جاري ڪيا ويا، پر ايف ايف سي انتظاميه جي احمد علي سومرو ۽ امان الله شر پاران ميرپور ماٿيلو جي هڪ صحافي کي راضي ڪرڻ کان پوءِ سمورا پيسا هڙپ ڪيا ويا آهن.

دادو: برهماڻي اتحاد طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ هٿرادو مهانگائي سبب غريبن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو

مرغي 600 روپيه ڪلو، مڇي 400 کان 500 روپيه ڪلو، گوشت 700 سئو روپيه ڪلو تائين پهچي ويو

مهانگائي سبب پوريهت طبقو ٻن ويلن جي ماني ڳيي لاءِ به پريشان، انتظاميه ڪا به واهر نه ڪري سگهي

فوري طور تي هٿرادو مهانگيون شيون وڪرو ڪندڙ دوڪاندارن خلاف سخت قدم کنيا وڃن: سڄاڻ ڌريون

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ هٿرادو مهانگائي سبب غريبن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو مهانگائي سبب پوريهت طبقو ٻن ويلن جي ماني ڳيي لاءِ به پريشان آهن مرغي 600 روپيه ڪلو، مڇي 400 کان 500 روپيه ڪلو، گوشت 700 سئو روپيه ڪلو تائين پهچي ويو، تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جا اگهه هٿرادو طور مهانگا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جدهه ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي تقريب ملهائي وئي

ڪامريڊ اشفاق عامر، ياسين سنڌي ڪامريڊ شڪيل ۽ ٻين جي شرڪت

سائين جي ايم سيد فڪر ۽ نقش قدم تي هلڻ سان قوم اڳيان ٿيندي: اڳواڻ

ڪراچي (م د) سعودي عرب جي شهر جدهه ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي تقريب ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ ڪامريڊ اشفاق عامر، ياسين سنڌي ڪامريڊ شڪيل ۽ ٻين طرفان سائين جي ايم سيد جو ڪيڪ ڪاٽيو ورسي ۾ سنڌ جي ماڻهن سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪ پائي شرڪت ڪئي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سائين جي ايم سيد فڪر ۽ نقش قدم تي هلڻ سان ئي سنڌي قوم اڳيان، ٿيندي سندس ڪيل جدوجهد کي جاري رکڻ لاءِ هر محب وطن سنڌي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

ڪراچي: جدهه ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي تقريب منعقد

شيخ پرڪيو پرسان ڳوٺ محمد
لائق لغاري ۾ ڪرڪيٽ
ٽورنامينٽ ٿي گذريو

ٽنڊو محمد خان (ب مظفر علي بروهي) ب شهيد مير مرتضي ڀٽو ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ٿي گذريو جنهن ۾ 12 ٽيمن حصو ورتو جنهن جو فائنل ميچ هاليپوٽا سي سي ۽ ٽنڪوي ٽائيگر جي وچ ۾ کيڏيو ويو هاليپوٽا سي سي ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ جو فيصلو ڪيو مقرر 10 اوورن ۾ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 107 رنسون ٺاهيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو باگو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل پئسن مان ڪٽوتي جاري

پري پري کان آيل عورتن کي سروس نه هجڻ ۽ ڪيش ختم ٿي وڃڻ جي بهانن سان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي: عورتون

اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙن جي وظيفي ۽ 7 هزار جي آيل رقم مان ڊرائس هولڊر 1000 کان 1500 رپيا ڪٽوتي ڪن ٿا

ڊرائس مافيا پاران ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ خلاف قدم کڻي مستحقين ۾ وظيفي جي رسائي کي يقيني بڻايو وڃي: مطالبو

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽنڊو باگو ۾ ڊرائس هولڊر مستحقين جي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل پئسن مان ڪٽوتي ڪرڻ لڳا. ميڊيا تي خبرون هلڻ ڪانپوءِ ڊرائس مافيا پري پري کان آيل مسڪين عورتن کي سروس نه هجڻ ۽ ڪيش ختم ٿي وڃڻ سميت مختلف بهانا ڪري پريشان ڪرڻ لڳن ٿا. مستحقين عورتن مطابق اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارڙن جي وظيفي ۽ 7 هزار جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

عام چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿينديون: سيد نويد قمر

عمران خان چاهي ٿو ته ڪهڙي به طريقي سان ٻيهر وزيراعظم بڻجان پر هاڻ ايئين ٿيڻ ممڪن نه آهي

پي ٽي آئي جي جن ميمبرن جون استيفائون منظور نه ٿيون آهن انهن کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ گهرجي

ملڪ جي معاشي بحالي لاءِ وفاقي حڪومت جي بهتر قدمن سبب ڊالر جي اڏام کي روڪي ورتو آهي

ٽنڊو محمد خان (ب مظفر علي بروهي) وفاقي وزير تجارت سيد نويد قمر چيو آهي ته عام چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿينديون، عمران خان چاهي ٿو ته ڪهڙي به طريقي سان ٻيهر وزير اعظم بڻجان پر هاڻ ايئين ٿيڻ ممڪن نه آهي خالي ٿيل سيٽن تي ضمني چونڊ ٿيندي پي ٽي آئي جي جن ميمبرن جون استيفائون منظور نه ٿيون آهن انهن کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ گهرجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان: وفاقي وزير تجارت سيد نويد قمر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري واسي ڳوٺاڻن
پاران پوليس هٿان کنيي گم ڪيل
پورهيت جي آزادي لاءِ مظاهرو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ وڪڙي جي رهواسين پاڪ ڪتاب کڻي پوليس هٿان مبينا کنيي گم ڪيل پورهيت خالد سولنگي جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي پيرسن نظام الدين سولنگي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بلدياتي چونڊ ۾ جميعت علماءِ اسلام سان اتحاد سٺو ثابت ٿيو: ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي

ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي پريس ڪلب جي نونون عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي ۽ ٻين کي مبارڪباد ڏني

ڏاڍي افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته سنڌ جي مختلف علائقن مان اڃان تائين برسات جو پاڻي نيڪال ٿي ناهي سگهيو آهي

شڪارپور جيڪو ماضي ۾ خوشبوئن جو شهر هيو اهو هن وقت انتظاميه جي نا اهلي سبب بدبودار ٿي ويو آهي: ڳالهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اڳوڻي ايم اين اي ۽ اين پ ب اڳواڻ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي چيو آهي ته ڏاڍي افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته سنڌ جي مختلف علائقن مان اڃان تائين برسات جو پاڻي نيڪال ٿي ناهي سگهيو ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي شڪارپور پريس ڪلب پهچي نون چونڊيل عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي، جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي ۽ ٻين کي مبارڪباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 23 جنوري 2023ع

معاشي غيريقيني

ملڪ ۾ معاشي غيريقيني آهي عوام هر وقت ان ڳڻتي ۾ آهي ته اڄوڪو ڏينهن ته جيئن تيئن ڪري گذري ويو سڀاڻي جا ڏينهن ان جي ڪا به سڌ ناهي. ان غيريقيني واري صورتحال جي ڪري اهي به افواهه گردش ڪن پيا ته ايندڙ مهيني تيل جي قلت پيدا ٿي ويندي، جنهن تي پيٽروليم وزارت کي بيان به جاري ڪرڻو پيو آهي. پيٽروليم وزارت ملڪ ۾ تيل جي کوٽ جي خبرن تي وضاحتي بيان جاري ڪيو آهي. پيٽروليم واري وزارت وضاحتي بيان ڏيندي چيو آهي ته ملڪ ۾ تيل جا گهربل ذخيرا موجود آهن. کوٽ جو ڪو امڪان ناهي، کوٽ جون خبرون بي بنياد آهن. پيٽروليم واري وزارت عوام کي اپيل ڪئي آهي ته افواهن، اڻڳڻتين ۽ گمراهه ڪندڙ اطلاعن تي ڌيان نه ڏيو. هوڏانهن پاڪستان اسٽيٽ آئل به بيان جاري ڪيو آهي ته ملڪ ۾ تيل جا ذخيرا اطمينان جوڳي سطح تي موجود آهن. اسان وٽ تيل جا ذخيرا وڏي مقدار ۾ موجود آهن. واضح رهي ته اهي خبرون سامهون آيون هيون ته ملڪ جي بئنڪن آئل ڪمپنين جي پيٽرول امپورٽ ايل سيز کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سبب فيبروري جي شروعات کان پيٽرول جي کوٽ ٿي سگهي ٿي

اسان اها ئي اميد ٿا ڪيون ته ايئن ٿئي، پر جيڪا معاشي غيريقيني آهي ان سان بهرحال عوام ۾ ڏينهون پريشاني وڌي رهي آهي، جنهن و تدارڪ بهرحال حڪمرانن کي ڪرڻ گهرجي. بهرحال، هڪ ٻي اڳڀرائي اها ٿي آهي ته پاڪستان روس کان ڪچو تيل، پيٽرول ۽ ڊيزل درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. روس کان ڪچي تيل جي خريداري ۽ پاڪستان اسٽريم گئس پائپ لائن بابت اسٽرڪچر کي مارچ ۾ حتمي شڪل ڏني ويندي. پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ٽي معاهدا طئي ٿيا آهن. پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ڪسٽم معاملن ۾ سهڪار بابت معاهدي، پاڪ روس واپاري سامان جي ڪسٽمز ويليو تي دستاويز ۽ ڊيٽا جي ڏي وٺ جي معاهدي تي به صحيحون ڪيون ويون

اسان سمجهون ٿا ته اهڙا معاهدا پلي ٿين جيڪڏهن اهڙن معاهدن سان عوام جي ڀلي جو ڪو رستو نڪري ٿو ته اهو خوش آئيند آهي پر اصل مسئلو اهڙن پيشقدمين کي جاري رکڻ آهي، تڏهن وڃي معاشي غيريقيني ختم ٿي سگهي ٿي

ڪراچي ۾ وڌندڙ اسٽريٽ ڪرائيم

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊو پاران پيش ڪيل گذريل 24 ڪلاڪن دوران ٿيل ڏوهن جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گذريل ڏينهن شهر جي 7 ضلعن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 139 واقعا ٿيا، جن ۾ 53 موبائيل فون، نقدي ۽ 7 ڪارون چوري ٿيون، جڏهن ته 8 موٽرسائيڪلون کسيون ويون ۽ 61 موٽرسائيڪلون چوري ڪيون ويون. ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي اسٽريٽ ڪرمنلن 4 ڄڻن کي زخمي ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس اسٽريٽ ڪرمنلز/ چورن سان 5 مقابلا ڪيا جن ۾ 2 چور موقعي تي مارجي ويا، جڏهن ته 7 اسٽريٽ ڪرمنلز گرفتار ۽ 8 جوابدارن کي واقعي واري هنڌان پڪڙيو ويو آهي. ڪراچي پوليس گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 171 جوابدارن کي گرفتار ڪيو، جن ۾ 80 اسٽريٽ ڪرمنلز/چور، 2 قاتل، 24 جوابدار غيرقانوني هٿيار رکڻ، 12 منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث 36 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ڪراچي پوليس گذريل سڄي ڏينهن ۾ 17 ڪار لفٽرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو ته سرچ آپريشن دوران 25 غيرقانوني پستول، 4 ڪلوچرس جنهن ۾ 530 گرام آئس هٿ ڪئي وئي. ايڊيشنل آءِ جي ٻڌايو ته گذريل سڄي ڏينهن ۾ 21 چوري ٿيل موبائيل فون، 16 چوري ٿيل گاڏيون، 5 ڪارون ۽ 11 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. سنڌ جي وڏي وزير سٽي پوليس کي هدايت ڪئي ته ڪومبنگ آپريشن جاري رکيو وڃي ۽ اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آندو وڃي

اسان سمجهون ٿا ته رڳو 24 ڪلاڪن ۾ ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جا 139 واقعا ڀيانڪ صورتحال ڏانهن اشارو آهي. شهر کي هڪ ڀيرو ٻيهر بدامني ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. جنهن جي سدباب جي ضرورت آهي.

رهي اَڄجي راتڙي، تن واڍوڙين وٽاءِ
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهڻ منجهاران گهاءِ
لِڪائي لوڪاءِ، پاڻهين ٻَڌنِ پٽِيُون.

ٽين آدم ڳڻپ بابت خدشا ۽ سوال

نصير ميمڻ

ملڪ ۾ آئين جي پيچڪڙيءَ طور هڪ وچ مدي واري نئين آدم ڳڻپ منعقد ٿي رهي آهي. 2017ع ۾ ٿيل آدم ڳڻپ کان پوءِ آئين موجب ڏهن ورهين کان پوءِ ايندڙ آدم ڳڻپ ٿيڻي هئي. سنڌ حڪومت پنهنجي اتحادي ڌر جي فرمائش پوري ڪندي گڏيل مُفادن واري ڪائونسل مان اهو غير آئيني عمل منظور ڪرايو. ايم ڪيو ايم ۽ ٻين جماعتن جي دعوا آهي ته 2017ع ۾ ڪراچيءَ جي آبادي گهٽ ڳڻي وئي هئي، جنهن ڪري نئين سر آدم ڳڻپ ڪرائي وڃي. سوال اهو آهي ته ڇا اهڙن حساس معاملن تي فيصلا آئين بجاءِ پارٽي جي فرمائشن تي ڪيا ويندا؟ ڀلا جيڪڏهن هن آدم ڳڻپ ۾ به سرڪار جي اتحادي ڌر ڪي انگ اکر قبول نه پيا ته پوءِ ڇا وري ٽيون ڀيرو آدم ڳڻپ ڪرائي ويندي. ساڳي طرح ڀلاجيڪڏهن هن ڀيري وري ڪنهن ٻئي صوبي جي ڪنهن اتحادي ڌر ڪي ڪنهن شهر جي انگن تي اعتراض ٿيو ته پوءِ ڇا ڪيو ويندو؟ پيپلزپارٽي حڪومت اهڙي ريت هڪ غير روايت جو بنياد وڌو آهي. گذريل آدم ڳڻپ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي 61 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آئي هئي. جيڪڏهن انگن سان ڪا هٿ چراند ڪندي ان انگ کي گهٽايو ويو ته پوءِ سنڌ واسي اهڙي آدم ڳڻپ کي تسليم نه ڪندا. سنڌي ڳالهائيندڙ اڳي ئي پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتا آهن.

آدم ڳڻپ ٽن حوالن سان هڪ حساس معاملو آهي. هڪ ته ان سان صوبن اندر ڊيموگرافيءَ جو تعين ٿيندو آهي. سنڌ جيئن ته ملڪ ٺهڻ کان وٺي ٻاهرين آباديءَ جي يلغار هيٺ آهي، تنهن ڪري ان لاءِ ڊيموگرافي نهايت حساس معاملو آهي. ٻيو ته آدم ڳڻپ جي بنيادن تي اسيمبليءَ ۾ صوبن جي سيٽن جو انگ مقرر ٿيندو آهي. ڪراچيءَ جي آباديءَ کي وڌيڪ ڏيکارڻ جي خواهش ان ڪري زور وٺي رهي آهي جو باقي سنڌ جي اسيمبلي سيٽن جو انگ ايترو گهٽو آهي جو غير مقامي آباديءَ ٻين سمورن وسيلن تي والار ڪري وٺڻ جي باوجود اجا تائين سنڌ جي حڪمرانيءَ تي سڌو ڪنٽرول حاصل نه ڪري سگهي آهي. جيڪڏهن ڪراچيءَ جي سيٽن ۾ ھتراڌو آدم ڳڻپ وسيلي واڌارو ممڪن ٿئي ته ان سان اصلوڪا رهواسي نالي ماتر مليل حق حڪمراني به وڃائي ويهندا. اهو سنڌين لاءِ تابوت ۾ آخري ڪوڪو هوندو. پيپلزپارٽي اهڙيءَ ريت ان ٽاريءَ کي ڪٽڻ لاءِ ڪهاڙي فراهم ڪري رهي آهي، جنهن تي اها پنهنجو ڪمزور آکيرو ناهي ويٺي آهي.

هن ڀيري آدم ڳڻپ ڊجيٽل يعني ڪمپيوٽر وسيلي ڪئي ويندي. ڪمپيوٽر پروگرام ڊيٽا داخل ڪرڻ، ڊيٽا کي مجموعي انگن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ان جا نتيجا ڪڍڻ وارو سمورو عمل ڪيترائي سوال اڀاري ٿو ملڪ جي ڪمزور آءِ ٽي انفراسٽرڪچر ۽ صلاحيت سبب انهن ڪمزورين، غلطين ۽ هٿ چراند جا خدشا آهن. هڪ پاسي پ پ حڪومت انهن دليلن جي آڌار تي اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين وسيلي چونڊون ڪرائڻ جي مخالفت ڪئي هئي، پر چونڊن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ حساس معاملي يعني آدم ڳڻپ تي راضي آهي. ٽيڪنالاجيءَ جي ڪنهن به نئين استعمال لاءِ لازمي هوندو آهي ته پهرين ان جو آزمائشي استعمال ڪري ان جي ڪمزورين کي ٺيڪ ڪجي. عام رواجي موبائل فون جو نئون ايپليڪيشن به ان مرحلي مان گذاري عام واهپيدارن تائين پهچندو آهي. ان بنيادي اصول جي ابتڙ آدم ڳڻپ وارو هي پروگرام ڪنهن وڏي ڳڻپ جي آزمائشي (پائلٽ) مرحلي مان ناهي گذريو. جيڪڏهن ايئن ڪيو ويو آهي ته ان جا نتيجا عوام اڳيان پڌرا ڪري ٻڌايو وڃي ته اها تجرباتي ڳڻپ ڪٿي ڪئي وئي، ان جي ڊيٽا کي متبادل طريقي سان چڪاسيو ويو، ان ۾ ڪيترو فرق نڪتو، ان فرق جا ڪارڻ ڪهڙا ثابت ٿيا ۽ ان پروگرام ۾ پوءِ ڪهڙيون تبديليون آڻي ان کي هاڻي هن شڪل ۾ آندو ويو؟ جيڪڏهن اهو عمل ناهي ڪيو ويو ته ان کي سڌو آدم ڳڻپ ۾ استعمال ڪرڻ جا نتيجا نهايت خراب نڪري سگهن ٿا، جنهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

آدم ڳڻپ جيئن ته سنڌ واسين لاءِ سندن قومي وجود جي بقا جو معاملو آهي، تنهن ڪري ان جي ٽائيمنگ به نهايت اهم آهي. ڇا آدم ڳڻپ جهڙو حساس ڪم آفتن وقت ڪرڻ مناسب آهي، جڏهن لکين سنڌ واسي اڃا به پنهنجي ڳوٺن ۽ گهرن کان ٻاهر آهن. حڪومت ٻوڏ جي ڪري مڪاني چونڊن کان ته نابري واري هئي جو ته سندس انتظامي مشينري ٻوڏ واهر ۾ رڌل چاتائي وئي هئي. سوال اهو آهي ته جڏهن ٻوڏ واهر وارو ڪم اڃا ختم ناهي ٿيو ۽ لکين ماڻهو ڳڻپ کان رهجڻ جو انديشو آهي ته پوءِ آدم ڳڻپ ڪيئن پئي ڪرائي وڃي!؟

سرڪار پاڻ مڃي ٿي ته ٻوڏ سبب سنڌ ۾ 22 لک گهر تباهه ٿيل آهن. انهن گهرن جي نئين سر اڏاوت جو عمل شروع ناهي ٿيو. حڪومت ڪهڙي ريت ان حالت ۾ بي گهر ماڻهن جي ڳڻپ کي يقيني بڻائيندي. مٿي ڄاڻايل بنيادن تي منهنجي راءِ ۾ نئين آدم ڳڻپ غير آئيني، غير ضروري ۽ بي وقتي آهي. سنڌ جي گهڻ گهرن ۽ سياسي پارٽين لاءِ ان عمل جي مخالفت ڪرڻ جا سمورا آئيني ۽ سياسي جواز موجود آهن.

آدم ڳڻپ ۾ جتي سڃاڻپ ڪارڊ جو شرط ختم ڪيو ويو آهي، اتي اهو چٽو ناهي ڪيو ويو ته غير مقامي ۽ غير قانوني طور رهندڙ ماڻهن جي ڳڻپ ڪيئن ڪئي ويندي؟ جيڪڏهن گذريل ڇهن مهينن کان رهندڙ هر ماڻهو مقامي ڪري ڳڻيو ويندو ته ان جي گواهي ڪهڙي قبول ڪئي ويندي ته فارم ڀرائيندڙ ماڻهو هتي ڪڏهن کان رهندڙ آهي. جيڪڏهن بنا دستاويزي /ثابتيءَ هر ماڻهوءَ جي زبان آهر ان کي مقامي قرار ڏنو ويو ته پوءِ سڀ ماڻهو قانوني طور سنڌ جا مقامي رهواسي طور درج ڪيا ويندا؟ ايئن ٿيڻ سان سنڌ ۾ جيڪي آبادين جا انگ اکر ايندا، اهي ته سنڌ ۾ ٻيهر لساني ڇڪتاڻ واري ماحول کي جنم ڏئي سگهن ٿا.

هي اهي سڀ خدشا آهن، جن جي بنياد تي سنڌ واسين کي هن آدم ڳڻپ تي سخت اعتراض آهن. حڪومت عارضي مفادن خاطر سنڌ جي قومي آئيندي کي جوکم ۾ وجهي رهي آهي.

علم ۽ عمل جو سنگم ، رسول بخش پليجو!

ديال صحرائي

هن ڌرتي جي گولي تي مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن جي اڳواڻن جي لسٽ کولبي ته هن خطي جي حصي ۾ آيل جڳ مشهور ڏاهو انقلابي اڳواڻ سائين رسول بخش پليجو سرفهرست نظر ايندو. سنڌ جي هن ڏاهي ۽ سپوت فرزند پنهنجي سڄي زندگي، نڌڻڪن ماڻهن، مسڪين طبقن، ڏڪاريل قبيلن ۽ الجهيل قومن لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اسان جي سنڌي قوم توڙي هن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ٻيون قومون تاريخي طور تي وڏيراشاهي، آپيشاهي، جاگيرداري، پيرپرستي، غلامي جهڙين بيمارين ۾ جڪڙيل رهيون آهن. هتي ماڻهن کي خوف، دٻدٻي، حراس ۽ طاقت جي هٿيارن سان دٻائي رکيو ويو آهي! انهي سڄي صورتحال کي مدنظر رکي پليجي صاحب دنيا جي عالمي انقلابي نظرين مارڪسزم، لينزم ۽ فڪر ماڻو جي مدد سان، هن خطي جي مفڪر لطيف کي ساڻ ڪري، هن خطي جي ماڻهن جي بنيادي خرابين جي علاج ڪرڻ لاءِ سماج جي هڪ طبيب وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ انهن ماڻهن جي قومي ۽ طبقاتي بيمارين جي پاڙ پٽڻ لاءِ عالمي سائنسي نظرين جا نسخا ڪڍي آيو ۽ هڪڙي اهڙي فڪري لائين ڏني جنهن جا بنياد نج سائنسي آهن ۽ پوءِ انهي لائين تي هن جڳ مشهور جينيئس علاج ڪرڻ شروع ڪيو هڪ انقلابي جي لاءِ سمورا ضروري گڻ پنهنجي محنت پاڻ هن پنهنجي شخصيت ۾ پروئيا! چوڻ باضابطه ۽ صحيح معنيٰ ۾ انقلابي واري وصف تي پورو لهندڙ انقلابي اڳواڻ هن خطي ۾ اٿلپ هو. پليجو صاحب هڪ انقلابي ٿيڻ جي پراسيز مان گذريل پڇي راس ٿيل ماڻهو هو. هن ماڻهو جي اڻٿڪ جدوجهد ۽ عالمي انساني تاريخ، ادب، فلسفي ۽ سائنس جي ڳوڙهي مطالعي ۽ لڳاتار عمل جي ڪري هي ٻنهه وڏو ماڻهو ٿيو ۽ هڪ پيشيوراڻو انقلابي جي حيثيت ۾ سڄي عمر جتاءَ ڪري سگهيو ساهه جي آخري گهڙي تائين وڙهندو رهيو. سنڌ جي هن جينيئس جو ڪالهه جنم ڏڻ هو سندس پرستارن ۽ دنيا جي مظلومن کي سڄايي جنم ڏينهن جون جام ساريون واڌايون ڏيان ٿو!

هو وڏو مقرر هو هن جي تقرير جي رواني ۾ دنيا جا علم، فلسفا ۽ نظريا پنهنجون راهون سنواريندا هئا. لفظن کي ترتيب ڏيڻ، لفظن جو مناسب استعمال ۽ انهن جي تقدس سان نڀاءُ ڪرڻ ته ڪير هن کان ٿي سِکي! ٻولي جي خوبصورتي ته هن جي شخصيت جو مکيه ٽول هُئي. هن جي تقرير مٿان ٻيو مقرر ڳالهائڻ کان لنوائيندو هو جيڪڏهن ڊيڪورم مطابق ڪير ڳالهائيندو هو ته پوءِ تقرير کي ٻيهارڻ. لڳاتار پنڊال ۾ پنهنجو اثر ويهارڻ هُن مٿان ڳالهائيندڙ مقرر جي لاءِ بي پناهه مشڪل ٿي پوندو هو ڳالهائيندو هو ته دشمنن کي ڦڦڙي ولي ريندي هئي ته الائي ڇا چوندو! انهي جو مکيه ڪارڻ هي آهي ته سنڌي قوم جي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ ۾ جيڪي اهم موڙ آيا، فيصلا ورتا ويا، يا جيڪي تاريخي تحريڪون هليون انهي ۾ جيڪي وڏا ٽريند سيٽ ٿيا، اهي سنڌ جي هن ڏاهي پٽ جي ڪاٿي ۾ آيا آهن!

پليجي صاحب جون لکڻيون سندس ئي بقول، هن جا هٿيار رهيون. هن جي قلم جي مَس عالمي توڙي ملڪي سياسي چرخي جي ڦيرن ۽ سياسي موسمن واري ڦيري ۾ اڪثر ٻين سياسي رهنمائن ۽ اديبن وانگر ڇمي يا شڪي ڪونه! هن جو قلم مظلوم قومن ۽ طبقن خلاف ٿيندڙ هر سازش کان سڀ کان پهرين آگاهه ڪندو رهيو! هو چوندو هو ته لکڻ سون آهي ۽ ڳالهائڻ چاندي آهي! هن جي لکڻين ۾ ٻولي اهڙي هوندي هئي جو عوام کي به سمجهه ۾ اچي ته عالمي پائي جي هڪ مفڪر جي لاءِ به متاثر ڪندڙ ۽ ڪارائتي هجي! هن جي لکڻي کي پڙهڻ سان سياسي ۽ سماجي طور تي مايوس ٿي ويٺل يا مٺل ماڻهو ۾ ساهه پئجي ويندو آهي! ادب ڪيئن هجڻ کپي، تخليق ڪهڙي هجي جيڪا انسان جهڙن سماجن جي زخمن تي مرهم جو ڪم ڪري، ۽ فن ڪهڙو هجي؟ فن جو فرسوده سماج مان جان ڇڏائڻ واري ويڙهه ۾ ڪهڙو ڪارج هئڻ کپي؟ انهي تي پليجي صاحب جون تاريخي لکڻيون آهن ۽ تقريرون آهن. هڪڙو ڪتاب "سنڌي ذات هنجن" سنڌي ادب ۾ تنقيد واري باب جي وڏي سڃاڻپ آهي! برصغير ۾ ترقي پسند ليکڪن، اديبن، سيڪيولر ماڻهن کي پنهنجي مرضي سان لکڻ ئي نه ڏنو ويندو هو جيڪو ڳالهائيندو هو ته منصوبي تحت ميدان ۾ لاٿل برگيڊ حملي آور ٿي ساهه شڪائي ڇڏيندي هئي انهي ترقي پسند ادب ۽ تحريڪ جا مٿان ڍال بڻجي بيٺو هڪ ڪتاب. انڌا اونڌا ويچ جنهن جي وڏي هاڪ آهي! هن ڪتاب جو نالو ٻڌڻ سان انتهاپسند اديبن جا تاڪ لڳيو وڃن. صبح ٿيندو سنڌي قوم ۽ هتي جي مظلوم طبقي جي نجات جي وات ڏسي ٿو لطيف سائين هڪ انقلابي مفڪر ۽ شاعر ڪيئن آهي انهي ته جشن لطيف ڪري سڄي سنڌ ۾ لطيف جي شاعري عام ڪرڻ وارو تاريخي ڪم استاد ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اڄ جشن لطيف واري روايت سنڌ جي جديد ثقافت جو حصو ٿي وئي آهي!

پليجي صاحب جي سڀ کان وڏي تخليق عوامي تحريڪ آهي، جيڪا هن جي وفات کانپوءِ به جڏهن سنڌ جا ٻيٽ وڪرو ٿين ٿا ته پنهنجي ڪارڪنن جو دادلو درياءَ ڪراچي جي شاهراهن تي ساڻ ڪري وطن جو وجود بچائي ٿي! ۽ جڏهن وفاق ڊيمن خلاف آواز اٿاريندڙ کي آرٽيڪل 6 جي ڌمڪي ڏئي ٿو تڏهن به پنهنجي قائد جي تاريخي روايت کي دهرائيندي، عوامي تحريڪ چوي ٿي ته، " هم هي ڪوهي سليقه جرئت اظهار ڪا، جب صدا ڪا ڪهت پڙيگا تو هم هي بولينگي!"

بقايا سنڌيار 01

آلودگي کي وڌائڻ ۽ زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪرڻ واري عمل خلاف سياسي سماجي تنظيمن پاران عدالتن ۽ انساني حقن جي تنظيمن جي ادارن سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو. قانوني ماهرين سان مشورا جاري رکڻ جو اعلان. جلد ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ عدالتن ۾ وڃڻ جو فيصلو. تفصيل موجب ضلعي گهوٽڪي ۾ 12 کان وڌيڪ صنعتي ادارا آهن. گذريل ڪيترن ئي سالن کان گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي انتظاميا پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ پڻ جاري آهي. ان حوالي سان ايشيا کنڊ ۾ سڀ کان وڏي ياڻ فيڪٽري ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري ميرپور ماٿيلو، اينگرو ڪيميڪل، ماڙي گئس، ڪي پي ايس فائونڊيشن، ليبرٽي پاور پلانٽ، اينگروپاور پلانٽ، او جي ڊي سي ايل، رحمت گئس فيلڊ، سميت ڪيترن ئي صنعتي ادارن فضائي آلودگي، زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪرڻ، ضلعي گهوٽڪي جي مختلف علائقن ۾ جر جو پاڻي ڪارو ٿيڻ توڙي سي ايس آر فنڊ گهوٽڪي ضلعي تي خرچ نه ڪرڻ واري عمل خلاف ضلعي گهوٽڪي جا سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ حرڪت ۾ اچي ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن مهتاب بلوچ، جاويد لاشاري، راشد مهر، منظور شيخ. ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري، ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو يوريا ڪمپني پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا دروازا هميشه لاءِ بند ڪري سيڪيورٽي گارڊ، خادم مسجد کان وٺي سمورين پوسٽن تي ٻاهرين جي لوڊ ڀرتي ڪري ڇڏي آهي هاڻي ته مقامي ماڻهن لاءِ ڊيلي ويجز مزدوري جا دروازا به بند ڪري ناانصافي جي حد ڪري ڇڏي آهي. جيڪو مقامي ماڻهن سان ظلم آهي هنن چيو ته فيڪٽرين جو زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪيو پيو وڃي. جنهن سبب مال مويشي زهريلو پاڻي پيئڻ سبب مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويو آهي ۽ ڪيترن ئي مالوندن جو مال مري چڪو آهي. ٻي طرف وري ضلعي گهوٽڪي ۾ هڪ پرسنٽ به رائيلٽي ناهي ملي سگهي. جيڪا هتان جي غريب ۽ ابوجهه ماڻهن سان وڏي ناجائزي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته سي ايس آر فنڊ به ضلعي گهوٽڪي تي خرچ نه پيو ڪيو وڃي مقامي ماڻهن کي تعليم، اسپتال، صاف پاڻي جي سهولت به نٿي ڏني وڃي ڇا مقامي ماڻهو انسان ناهن. هنن وڌيڪ چيو ته ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري انتظاميا ٻوڏ متاثرين جي مدد جي نالي تي رڳو ڪوڙيون دعوائون هر آئي ڏينهن ڪيون پيون وڃن هن وقت تائين گهوٽڪي ضلعي جي سوين ڳوٺن ۾ ايف ايف سي انتظاميا يا اينگرو يوريا پاران ڪوبه رليف فراهم ناهي ڪيو ويو. ايف ايف سي انتظاميه پاران نالي ماتر جيڪو ڪم ڪيو پيو وڃي اهو من پسند ۽ سفارشي ماڻهن جو ڪيو پيو وڃي. هن مهل تائين نه ئي بهتر نموني سان سروي ڪئي وئي آهي ڪجه من پسند ماڻهن جي نالن تي جعلي بلنگ رليف فراهم ڪرڻ جو شو ڪيو پيو وڃي پر حقيقت هن جي ابتڙ آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ان سلسلي ۾ اسان جا قانوني ماهرين سان رابطا جاري آهن جلد ڪيس تيار ڪري يونائيٽيڊ نيشن آرگنائيزيشن، يونيسڪو کي موڪلڻ سان گڏ وگڏ عدالت سان رجوع ڪيو ويندو هاڻي صنعتي ادارن جو مقامي ماڻهن سان وڌيڪ ظلم برداشت نه ڪيو ويندو. ۽ نه ئي انهن کي مقامي ماڻهن سان ويڌن ڪرڻ جي اجازت هوندي.

بقايا سنڌيار 02

ميڙاڪي ۾ شريڪ هو ته پروگرام جي آخر ۾ کيس اوچتو دل جو اٽيڪ ٿيو کيس اسپتال آندو ويو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو. سنڌس اوچتي لاڏاڻي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي چيئرمين سيد جلال محمود شاهه، صدر سيد زين شاهه، اعجاز ساميٽيو، منير مگسي، سينئر نائب صدر روشن علي برڙو سميت پارٽي اڳواڻن ايس يو پي ڪراچي ڊويزن جي سيڪريٽري عبدالرزاق جي اوچتو لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ چيو آهي ته عبدالرزاق شر جو لاڏاڻو پارٽي لاءِ وڏو نقصان آهي. عبدالرزاق شر جي لاڏاڻي سان پارٽي پنهنجي هڪ سگهاري اڳواڻ کان محروم ٿي وئي آهي. عبدالرزاق شر جون پارٽي لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون فوتي عبدالرزاق شر جي تدفين سپاڻي سومر ڏهاڙي سنڌس آبائي ڳوٺ جمع خان شر پڌيعدن ۾ 11 وڳي ادا ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 03

ٽيڻ لڳو ايريگيشن ڊويزن مورو جي عملو ۽ ٺيڪيدار پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپيا ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ ڪري علائقي جي آبادگارن حاجي غلام حسين مشوري . عاشق علي چانديو ۽ ٻين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ڇٽيه ڪروڙ روپيا مليل ڪرپشن جي ور چڙهي ويندا هن وقت ناقص ميٽيريل استعمال ڪيو پيو وڃي شاخ جي ڪپرن ۾ گند ڪچرو سميت مٽي وجهي رهيا آهن جڏهن ته ايريگيشن سب ڊويزن مورو جو انجنيئر ۽ ايس ڊي او سميت عملو هلندڙ ڪم مان لکين روپيا پرسنٽيج ملڻ ڪري خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي جڏهن ته سورهن ڪروڙ ٺيڪيدار اڳ ۾ بل پاس ڪرائي ڪائي ويا آهن جڏهن ناقص ميٽيريل سان ٺهندڙ جسڪاٽي مائينر ۾ هلندڙ ڪم جو اعلي آفيسر معائنو ڪري ٺيڪيدار ۽ ايريگيشن روهڙي ڊويزن جي عملي خلاف ڪاروائي ڪري جسڪاٽي مائينر جو بهتر ڪم ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 04

ڪمشنر جمشيد ٽائون ارسلام سليم اٿي سميت ٻين مختلف شين جا اگهه مٿي وٺندڙن ڇهن دڪاندارن جي مٿان ٽيهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر گلشن اقبال عبدالستار هڪڙو پنج اسٽورن مٿان مٿي اگهه وٺڻ تي پنجويهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو ويو جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر گلزار هجري اسڪيم 33 ريٽ لسٽن کان هٽي ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن مٿان ويهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو صحافين سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر اوڀر راجا طارق چانديو منافعي خورن کي بخش نه ڪيو ويندو وڌيڪ اگهه وٺندڙ اٽي جي چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن خلاف شهري شڪايت نوٽ ڪرائين جن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 05

چڪتاڻ جاري. ساڪرو ٽائون ڪميٽي جي هارائڻ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي جي سيني گروپن جي گهارو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين شپ تي نظر هڪ پاسي ايم پي اي ps79 جام اويس گهرام جوکيو طرفان سنڌس سئوٽ جام احسان جوکيو ٽائون ڪميٽي جو بنا مقابلي جنرل ڪائونسلر ٿيو آهي ان کي نامي نيت ڪيو آهي ته ٻئي پاسي ٽن گروپن وچ ۾ چڪتاڻ جاري آهي. غلام قادر پليجي جو ويجهو ساٿي اڳوڻي چيئرمين عثمان ڪنيار چيئرمين جو اميدوار آهي. شيرازي گروپ جو هڪ اميدوار قمر مغل ڪائونسلر ٿيو آهي ۽ پارٽي عهديدارن طرفان اڃان واضح ناهي ٿيو ته چيئرمين ڪير ٿيندو پر گهارو ٽائون پ پ صدر مير بابو پنهور پڻ چيئرمين جي لسٽ ۾ شامل آهي. باخبر ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ايم پي اي جام اويس گهرام جوکيو جيل مان آزادي ماڻي دبئي ويل آهي انجي اچڻ ڪانپوءِ فائنل فيصلو ڪيو ويندو ٻئي پاسي ذريعن موجب ته سڄي ضلعي ۾ پيپلز پارٽي جتي جتي هارايو آهي انهن سيٽن تي پڻ پارٽي اندر سيٽي گروپ هڪيٽي تي ڪڙي نظر ۽ تنقيد ڪري رهيا آهن ته انهن پارٽي لاءِ ڪم نه ڪيو انڪري پارٽي هارائي وئي. هاڻي ڏسجي ته گهارو ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين ڪهڙو خوشنصيب ٿو ٿئي.

بقايا سنڌيار 06

مهراب بگٽي، سهڻو خان جکراڻي، پنهنجي معصوم پٽ ڏٽي بخش جکراڻي، سان گڏ صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو ته ڪجه لينڊ مافيا جا ماڻهو محمد پناهه رند، اڪبر رند، احمدان عرف جميل رند، محمد بخش رند، اسان جي 12 پلاٽ ۽ گهرن تي قبضو ڪري اسان کي بليڪ ميل ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. انهن الزام هڻندي ٻڌايو ته اصل ۾ ملزم لاشاري جت ذات جا آهن. جيڪي ڏهاڙي هجڻ ڪري بلوچستان کان هتي اچي پاڻ رند سڏائي ماڻهن جي پلاٽن گهرن تي قبضو ڪري بليڪ ميل ڪندا آهن. انهن چيو ته اڳ به هنن اسان جي پلاٽن تي قبضو ڪيو هو جنهن لاءِ اسان سردارن وٽ دانهن ڪئي ويا سين چنگن مڙسن وچ ۾ ويهي فيصلو ڪيو جنهن فيصلي ۾ سردار زاده مير زامران سليم اڪبر بگٽي، حق نواز بگٽي، مجيب الرحمان بروهي،ڌرين جي وچ ۾ فيصلو ڪري 12 پلاٽ اسان جي حوالي ڪيا ۽ ٻنهي ڌرين کان اهڙو فيصلو لکرائي ورتو. جيڪا لکت اسان وٽ موجود آهي. هيئنر اسان جي گهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن مٿان وري اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون .انهن چيو ته اسان سرڪاني ٿاڻي تي درخواست ڏيئي چڪا آهيون. پر اڃان ملزن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي، اسان وزير اعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، کي اپيل ڪيون ٿا ته لينڊ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

حالت ۾ نواب شاهه منتقل زخمي ٿيل نوجوان کي ميڊيڪل ليٽر ڏنو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون پوليس نوجوان کي پٺي ۾ لوهي اوزار سان ڌڪ لڳل آهي ڪيس نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو آهي ڊاڪٽر تفصيل موجب ڀرياروڊ پرسان ڳوٺ عثمان ڳاهيجو واسي ٻارنهن ورهين جو نينگر ڪمند جي چيچڙي تي ڪمند ڪاٽڻ لاءِ جئين ڪمند جي چڙي ڪٽي ته ڪمند جي مالڪ زميندار علي شان آرائين پٺي ۾ لوهي رنبي هٽي ڪيس زخمي ڪري وڌو نينگر جي رڙين تي ڀرپاسي جي ماڻهن پهچي نينگر جي وارثن کي اطلاع ڪيو جنهن بعد نينگر جي وارثن زخمي نينگر کي ڪٽي ڀرياسي جي اسپتال منتقل ڪيو جتان ڊاڪٽر پاران نينگر کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويوان سلسلي ۾ نينگرجي وارث غلام رسول ڳاهيجو ميڊيا کي ٻڌايو ته نينگر بابا عاشق سائين درگاهه پرسان ڪمند جي چيچڙي تان ڪمند چڙهي ڪٽي رهيو ته زميندار علي شان آرائين مڃرجي پيو جنهن نينگر کي پٺن ۾ رنبيون هٽي زخمي ڪري وڌو هن وڌيڪ چيو ته ڀرياروڊ پوليس کي جوابدار وٺي ڏنو آهي جوابدار ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته ٻئي پاسي ڀرياروڊ پوليس رابطو ڪرڻ تي ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته زخمي نينگر کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي اسپتال روانو ڪيو آهي جڏهن ته گرفتار ٿيل زميندار بابت پوليس ڪجه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ٻئي پاسي ڀرياستي جي ڊاڪٽر هريش ٻڌايو ته نينگر کي پٺي ۾ لوهي آوزار سان ڌڪ لڳل آهي ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 08

۽ اغوا ڪري گم ڪرڻ جي خلاف نيشنل پريس ڪلب پڌيعدن اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته آءٌ صبح نماز پڙهي پنهنجي زمين تي ايس ته عاشق مجيدانو محبوب مجيدانو مزار اقبال مور، ثناالله نظير مجيدانو هٿيار ۽ ڏنڊا کڻي اچي مون سان وڙهيا آهن ۽ مون کي موت مار ڌمڪيون ڏئي اغوا ڪري ڪٽيوي هٽا هنجيوت هو چور ۽ پاٽاري دار ماڻهون آهن روپوش ماڻهون رهائن ٿا ۽ چون ٿا ته زمين اسان جي آهي تون زمين ته نه ايندو ڪر زمين اسان جي وڏن جي آهي، کاتو به اسان وٽ آهي ۽ سڄي عمر وڏن کان وٺي اسان ڪاهيندا ٿا اچون هاڻ هو بااثر ماڻهون آهن ۽ قبضو ڪرڻ ٿا چاهين زمين تي،صبح به مون کي اغوا ڪري کڻي ويا هٽا جنهن کان پوءِ مون کي پريا روڊ پوليس بازياب ڪرايو آهي ۽ ٻ جوابدار مور، مجيدانو ۽ مزار مجيدانو گرفتار ٿيا آهن پر پريا روڊ پوليس بااثرن جي ونگار وهندي اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي نه آهي. آءٌ غريب مسڪين آهيان آءٌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيرز ۽ ڊي ايس پي ڀرياستي کي اپيل ٿو ڪيان ته جن ماڻهن مون کي اغوا ڪيو ۽ تشدد ڪيو انهن جي خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي.اگر مون کي يا منهنجي گهر ڀاتين کي ڪجه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل بااثر ماڻهون هوندا

بقايا سنڌيار 09

کي منهن ڏيڻ لڳا رپورٽ موجب سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نااهلي بنا جواز اوچتي ٿيندڙ گئس جي لوڊشيڊنگ خلق کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي گئس جي بندش جو مقرر وقت نه هئڻ سبب عوام سخت عذاب ۾ مبتلاٿي ويو آهي ان ڏس ۾ گڏ ڪيل ڄاڻ موجب گلشن اقبال بلاڪ D 19ڊالميا. شانتي نگر گلزاري هجري سميت مختلف علائقن اندر سوئي سدرن گئس ڪمپني طرفان لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جنهن ڪري سرڪاري نيم سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ملازم پورهيت شاگرد توڙي شاگرداڻيون صبح جو گهران بنا ناشتو ڪرڻ جي نڪري وڃڻ تي مجبور آهن. جڏهن ان حوالي سان شهرين محمد ابراهيم. محمد احمد. بلال احمد محمد عرفان. نثار سپريو ۽ ٻين صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته اسانجي علائقن ۾ 24 ڪلاڪن اندر صرف 3 ڪلاڪ گئس اچي جنهن جو پريشر گئس نه هئڻ برابر هوندو آهي. تنهن هوندي به گئس جا ڳرا بل موڪليا وڃن ٿا. سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته گئس جي لوڊشيڊنگ گهريلو زندگي مفلوج بڻائي ڇڏي آهي سندن چوڻ هو ته هوٽلن تان مهانگي اگهه ۾ ماني ملي پئي جيڪا اسين خريد ڪري پيٽ ڀري ماني به کائڻ کان قاصر ٿي ويا آهيون هنن سوئي سدرن گئس ڪمپني جي اختيارين سنڌ حڪومت توانائي کاتي جي وزير کان گهر ڪئي آهي ته سنڌ جي شهر ڪراچي جي مڙني علائقن مان گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو نوٽيس وٺي گئس جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي شهرين کي پريشاني مان ڇوٽڪارو ڏيارايو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

اڄڻ خبر موجب ڀرياستي قومي شاهراهه بائپاس پرسان اڻسڃاتل هٿيار بند ڦورو سيپڪو ڀرياروڊ جي لائين مين گاهي خان گوپانگ کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ واپڊا سيپڪو سب ڊويزن ڀرياروڊ جي چيئرمين ڀرياستي پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڀرياستي ۽ آسپاس بدامني وڌي وئي آهي واپڊا اهلڪار گاهي خان گوپانگ جي ڦر ٿي وئي آهي اسان پنهنجي ورڪرن جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻو ٿا ڀرياستي پوليس کي چتاءُ ٿا ڏيون ته واپڊا اهلڪار گاهي خان گوپانگ جي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ ڀرياستي پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 11

. سرڪاري کاتن سميت زراعت. لائيو اسٽاڪ. فشريز. صحت. آن فارم واٽر مئنيجمينٽ. سوشل ويلفيئر کاتو . پاپولشن کاتو. مقامي ۽ عالمي اين جي اوز ۽ گڏيل قومن جي ايجنسين ٻ شرڪت ڪئي ڄاڻايل ڪم ڪندڙ گروپ ضلعي ۾ فعال ڪري اچانڪ تباهڪاري جي جوابي سماجي تحفظ جي قدمن کي همٿائڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جو ذميوار هوندو ته جيئن ڪمزور آباديءَ کي قدرتي آفتن ۽ ٻين موسمي خطرن جي اثرن کان بچائي سگهجي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن جي هن ورڪنگ گروپ جو قيام ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته ضلعي کي ان قسم جي واقعن جو موثر جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي ۽ ڪميونٽي تي انهن جا منفي اثر گهٽجي سگهن

بقايا سنڌيار 12

۽ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سميت لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. تفصيل موجب ضلعي گهوٽڪي جي برسات متاثرن جا مسئلا معلوم ڪري حل ڪرڻ واسطي گهوٽڪي جي سرڪٽ هائوس ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سيڪريٽري روينيو جاويد احمد سومرو، سيڪريٽري زراعت اعجاز حسين مهيسر، سيڪريٽري جي اي، ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي محمد عثمان عبد ، ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ محمد جمن، ڊپٽي ڊائريڪٽر پي ڊي ايم اي مقصود حسين سومرو، ميان عبدالرحمان انڊڙ ، اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن سميت آبپاشي، ميونسپل، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، زراعت، تعليم، سوشل ويلفيئر، پوليس ۽ لاڳاپيل کاتن جي ضلعي آفيسرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيڪريٽري زراعت ڳالهائيندي ٻڌايو ته آبادگارن کي ٻج فراهم ڪرڻ لاءِ ساڍا 8 ارب مختص ڪيا ويا آهن ايندڙ 15 ڏينهن تائين آبادگارن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي سندن موبائل نمبرن تي رقم موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويندو جڏهن ته برسات دوران مختلف حادثن ۾ فوت ٿي ويلن جي وارثن کي هر فوتي تي 10 لک روپيا فراهم ڪيا ويندا کليل ڪچهري دوران قادرپور جي بي ايچ يو بابت شهري جي شڪايت تي ڊي جي هيلٿ نوٽيس وٺندي صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته ڄاڻايل سينٽر کي اپگريڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ دورو ڪري جوڳا قدم کنيا وڃن هن ڊاڪٽرن کي پڻ هدايت ڪئي ته جنهن مريض کي ريفر ڪيو وڃي ته سبب به لکيا وڃن. ڄاڻي واڻي ريفر ڪندڙ ميڊيڪل آفيسرن خلاف ڪارروائي ٿيندي. شينڪ بند بابت عوامي شڪايتن تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي خورشيد ڪوڪر ٻڌايو ته قادرپور لوپ بند ۽ شينڪ بند کي مضبوط ٺاهڻ لاءِ اسڪيم منظوري لاءِ اختيارين تان موڪلي ڇڏي آهي ته جيئن مستقبل ۾ مشڪلاتن کان بچي سگهجي. کليل ڪچهري ۾ شريڪ ٿي پنهنجا مسئلا ٻڌائيندڙ ماڻهن کان لکت ۾ پڻ درخواستون وصول ڪري لاڳاپيل عملدارن حوالي ڪيون ويون ته جيئن سندن شڪايتن جو ازالو ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 13

۾ ڦاسي وڃڻ موقعي تي وفات ڪري ويو اهڙي خبر بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مقتول ڪراچي ۾ پورهيو ڪندو هيو جيڪو به ڏينهن اڳ فصل پرائڻ لاءِ واپس آيو هيو

بقايا سنڌيار 14

حڪومت پاران اڃان تائين ازالو نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري آبادگار قرضي ٻڌجي ويا آهن. آبادگارن وٽ فصل جي پوکائي جو خرچ نه هجڻ ڪري ٽماٽو مرچ، سرنهن، ڪمند، ڪٽڪ جي پوکائي نه ٿي سگهي آهي. جنهن ڪري آبادگارن جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي. ۾ سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ رليف واروڪم ۽ ٻج پاڻ جي في ايڪڙ تي پنج هزار جي حساب سان ٿيل اعلان تي عمل نه ٿي سگهيو آهي ٻي طرف آبادگارن الهبچايو راهوڪڙو، نصرالله جروار، محمد يوسف ميراڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ ته گذريل برساتن ۾ بيٺل هزارين ايڪڙن جي فصل جي وڏي پيماني تي نقصان ويو آهي. ٻيو ته روينيو کاتي جي تپيدارن، ڪوٽارن آبادگارن سان به اڪيائي ڪري تعلقي ۾ فصلن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرڻ بجاءِ رڳو پنهنجي من پسند ۽ واسطيدار ماڻهن جي رڪارڊ سروي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 15

ٺيڪيدارن پاران غير قانوني طور مٽيءَ جي ڪٽائيءَ جو سلسلو جاري آهي گولاڙچي جي شاخن جن ۾ چاڪري شاخ گولاڙچي شاخ جا بند توڙي هيوي مشينري وسيلي مٽي ڪٽڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو آهي جنهن سبب واهن جا بند مڪمل طور تي برباد ٿي چڪا آهن ان سلسلي ۾ رهواسين جن ۾ سيد محمد شاهه علي حسن جتوئي، اعجاز خاصخيلي ۽ ٻين صحافين آڏو دانهيندي چيو ته غير قانوني طور مٽي ڪٽڻ سبب گهرن ۾ رهڻ مشڪل ٿي ويو آهي ڪڏوڪڏ واهن جا ڪپر پڻ تباهه ڪيا ويا آهن ۽ واهن ۾ وڏا ڪڏا لڳڻ سبب ننڍڙن ٻارڙن جي ٻڏڻ جو پڻ خطرو آهي. هنن جو چوڻ هو ته اختياريون ان سلسلي ۾ ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهن. هوڏانهن ذريعن کان اهو به معلوم ٿيو آهي ۽ ته آفيسرن جي ملي ڀڳت سان داروغا ۽ بيلدار ٺيڪيدارن کان مٽي ڪٽڻ عيوض ڳري رقم پڻ وصول ڪري رهيا آهن

بقايا سنڌيار 16

حسين ميمڻ عرفان رضا. علي محمد. صابر حسين. مشتاق علي. سانول ميمڻ. فيروز علي، حاجي اعجاز سولنگي ۽ ٻين چيو ته سالانه مفت اکين جي ڪيمپ ٽي ڏينهن جاري رهي جنهن ۾ ڪاهي ممن سميت اٿل ٻوهيو، پريارو. گهيڙگجو ۽ ڪنديارو ۾ اوپي ڊي ڪئي وئي جن ۾ هزارين مريض جو چيڪ اپ ڪيو ويو جڏهن ته 936 مريضن جو آپريشن ڪراچي جي ڊاڪٽر سيد آصف شاهه ۽ لاهور جي ڊاڪٽر رئيس خان ڪاهي ممن ۾ ڪيو جڏهن ته مريضن کي دوائون. لينسز ۽ چشما پڻ مفت ڏنا ويا اڳواڻن چيو ته هن ڪيمپ جو سمورو خرچ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪراچي ادا ڪيو آخر ۾ ڪئمپ جي اڳواڻن ڊاڪٽرن ٽيڪنيڪل ٽيم ۽ والنٽيئرز جو شڪريو ادا ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 17

۽ ڪاميابي ماڻي. اُن سلسلي ۾ هاشم ڪراٽي ڪلب مڪلي پاران مڪلي تي الحاج مرحوم سيد اعجاز شاهه شيرازي جي ياد ۾ هڪ ڏينهن جي ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائي وئي، جنهن ۾ ڪراٽي جي نالي وارن ڪراٽي ماسٽرن راهو لقمان، طاهر خان، سلام، اظهار ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ چيمپيئن شپ جي نگراني ڪئي. جڏهن ته هاشم ڪراٽي ڪلب جي اڳواڻ چيمپيئن شپ جي آرگنائيزر ۽ نالي واري ڪراٽي ماسٽر هاشم ناريجو ۽ محمد علي شر ٻڌايو ته ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن ۾ صحتمند ماحول پيدا ڪري کين سماجي براين کان بچائڻ آهي.

بقايا سنڌيار 18

۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پراڻي ٽائون ڪاميٽي کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي استار چوڪ آڏو پهتي جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو شهر ۾ ڏوهن جون وارداتون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن پر پوليس ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي شهري هاڻي پنهنجن گهرن ۾ به محفوظ ناهن ۽ شهر ۾ هٿرادو مهانگائي ڪئي وئي آهي پر انتظاميه ان تي ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ واپارين خلاف ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته شهر ۾ آڪڙا جوا بڪي ۽ سماجي برايون وڌي ويون پر ان تي به ڪاروڪتام ناهي ٿي سگهي جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته ڏوهن ۽ سماجي براين کي ٻنجو ڏئي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري شهر جو امن بحال ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 19

ساليانا تقريب حلف برداري ۽ تربيتي ورڪشاپ پروگرام ڪميونٽي هال ڪنديارو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ خليفا قاضي مشهود احمد طاهري خليفا محمد حنيف سولنگي محترم مشتاق احمد سومرو خليفا مظفر علي قائمخاني طارق حسين منگي خليفا فتح علي عباسي خليفا محمد اسلم راڄپر خليفا دين محمد چنڙ ۽ تمام خلفاءِ ڪرام ۽ عهديدارن شرڪت ڪئي پروگرام ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض محمد امين عباسي جنيد احمد بروهي عبدالقيوم پيرزاده سرانجام ڏنا تلاوت ڪلام پاڪ جي سعادت حافظ علي اصغر حاصل ڪئي جڏهن ته منير احمد مهيسر مهتاب علي ميراڻي طاهري نعتون پڙهيون ۽ خالد حسين ڀٽي عرفان علي قادر بخش اڃڻ منقبتون پيش ڪيون ۽ مختلف موضوعن تي ليڪچر پڻ ڏنا ويا پروگرام ۾ نون چونڊيل سال 2023 جي تقريبن38 برانچن جي عهديدار صاحبان کي حلف جناب غلام مصطفي ڏوهل صاحب کڻايو پروگرام ۾ قاضي مشهود احمد قريشي ۽ غلام مصطفي ڏوهل خطاب ڪيو ۽ آخر ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 20

جي هدايتن تي اسان کي لاڙڪاڻي ۽ رتوديرو جي ڊسپوزل مشينن تي پمپ آپريٽر ۽ چوڪيدار طور ڀرتي ڪيو ويو جنهن کان پوءِ اسان اتي ڏينهن رات ڊيوٽي ڪندا هئاسين پر ان جي باوجود ٻهرين ڊسمبر تي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي انجنيئر اشوڪ ڪمار ۽ ايس ڊي او سڪندر پنهور زباني آرڊر جي ذريعي 131 ملازمن کي بلاجواز ۽ بغير شوڪاز نوٽيس جي نوڪرين تان برطرف ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اسان جا گهرڀاتي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ان لاءِ اسان پبلڪ هيلٿ انجنيئر کاتي ۽ ميونسپل ڪارپوريشن جي انجنيئر ۽ آفيسرن کي شڪايتون ڪيون پر هو اسان جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ جي وڏي وزير، پبلڪ هيلٿ ۽ لوڪل گورنمينٽ کاتي جي صوبائي وزير ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته اسان کي بحال ڪري مستقل ڪيو وڃي يا ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ۾ ضم ڪري وڌيڪ بيروزگاري کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

سولنگي ۽ ٻين ٽي ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب پهتا جتي اڳواڻن چيو ته وڌندڙ منهگائي سبب عوام ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهي ۽ هر کاتي ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن ٿي رهي آهي موٽروي ميگا ڪرپشن ۾ ملوث ڪامورا ۽ ٺيڪيدار سرعام گهمي رهيا آهن پر اينٽي ڪرپشن ٽيم انهن کان ڳري رشوت وٺي سندن خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته فوڊ کاتو به ملز انتظاميان کان ڳري رشوت وٺي هٿرادو اٽي جي کوٽ ڪري اٽو مهانگو ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب غريب عوام ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهي هنن سيشن جج نوشهروفيروز احتسابي ادارن ۽ ٻين کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور منهگائي ختم ڪري ڪرپشن ۾ ملوث ٺيڪيدارن ڪامورن ۽ ٻين کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 22

مقرر ٿيل آهي جيڪو شهرين توڙي علائقي واسين لاءِ عذاب بڻيل آهي سنڌس هيڊ محرر عمران به سسٽم جو حصو آهي ايس او ٽريفڪ ٽرڪ جي پارڪنگ تان روزانو ڳڙي، رشوت وٺي رهيو ساڳي ريت فوٽ پاٿن تي غيرقانوني اڏاوت قائم ڪرائي منٿليون اوڳاڙي رهيو پارڪنگ جي نالي تي روڊ تي ڊبل گاڏيون بيهاري ٽريفڪ جي آمد رفت ۾ خلل وجهي شهرين کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي. شهرين توڙي علائقي واسين ڊي آءِ جي ٽريفڪ کان گهر ڪئي آهي ته ڪرپٽ ايس او ٽريفڪ ۽ هيڊ محرر کي هٽائي عوام کي عذاب مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

هزار روڪ رقم، موبائيل فون جڏهن ته گهر لاءِ ورتل سامان به ڦر ڪري فرار ٿي ويا پيار علي لاشاري صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته آئون سوزوڪي ڊرائيور آهيان گذريل رات جڏهن آئون گهر اچي رهيو هوس ته موٽر سائيڪل تي سوار 2 ڦورو رستا روڪ ڪري مونکان روڪ رقم، موبائيل فون ۽ گهر لاءِ ورتل سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته رات هڪ وڳي گهگهر پوليس چوڪي کي تالالڳل هٽا اسان اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ ايس ايس پي ملير کان گهر ڪيون ٿا ته جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ ڦرڪيل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 24

ڪوڙو مقابلو ڏيکاري بيگناهه حيات برهماڻي کي هاف فرائي ڪيو ويو ايس ايچ او نورمحمد گوپانگ ايس ايچ او شوڪت حسين لنڊ هيرو خان پوسٽ انچارج اي ايس آئي اخترلغاري اي ايس آئي مظهر ڏاوچ بااثر وڏيري جي ونگار وهندي حيات برهماڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ۽ هاف فرائي ڪيو احتجاج ڪندڙن چيف جسٽس آف پاڪستان چيف آف آرمي هائي ڪورٽ کان مطالبو ڪيو ته اسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

ڪري غريب پورهيت ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو آهي مهانگائي سبب مزدور غريب ماڻهن جي چيلهه ڀڄي ٿي وئي آهي ان موقعي تي سوشل ورڪر ۽ ايس ٽي پي اڳواڻ فقير علي حسن جانوري، حافظ محمد امين جمالي، حافظ حاجن لغاري، عبدالڪريم چانديو، محمد جمن چانديو ۽ ڊاڪٽر شفيق احمد ڳاڏهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ سنڌ ۾ برساتن جي ڪري ۽ ٻيو ٻوڏ جي تباهي ڪري ۽ ٽيون حڪومت طرفان مهانگائي سبب مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني ڳپي لاءِ پريشان آهن جڏهن ته خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ مرغي 600 روپيه ڪلو مڇي 400 کان 500 روپيه ڪلو گوشت 700 روپيه ڪلو چانورن جو ڪلو 130 روپيه ڪڪ 150 روپيه ڪٽڪ جو اٽو 120 کان 140 روپيه ڪلو هلڻ لڳو آهي. سبزي جا اگهه به آسمان سان ڳالهائڻ لڳا آهن سنڌ حڪومت طرفان نوٽيفيڪيشن جاري ڪيو ويو ته توهان کي دوڪاندار اٽو 65 روپيه ڪلو ڏيندا پر حڪومت جي اعلان کي دوڪاندارن هوا ۾ اڏائي ڇڏيو آهي . انهن ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور ناٿن شاهه ۽ مختيار ڪار خيرپور ناٿن شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي هٿرادو مهانگيون شيون وڪرو ڪندڙ دوڪاندارن خلاف سخت قدم کنيا وڃن

بقايا سنڌيار 26

جوابي بيٽنگ ڪندي تنگڙي ٽائيگر 88 رنسون ناهي سگهي جڏهن ته فائنل ميچ هاليپوٽا سي سي پنهنجي نالي ڪري ورتو بهترين بالنگ ڪرائڻ تي نعيم کي مين آف دي ميچ قرار ڏنو ويو جڏهن ته مهمان خاص ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري ۽ اڪبر ڪمبوهه رنر ۽ ونر ٽيمن کي ٽرافيون ۽ ڪيش انعام ڏنا هن ٽورنامينٽ جا آرگنائيزر محمد مسلم ۽ عبدالحڪيم هٽا

بقايا سنڌيار 27

آيل رقم مان ڊرائس هولڊر 1000 کان 1500 رپيا ڪٽوتي ڪن ٿا. عورتن جي وظيفي مان ڪٽوتي خلاف سوشل ميڊيا تي سوشل ورڪر پڻ لکڻ سميت هر ممڪن آواز اٿارڻ لاءِ سرگرم بڻيل. جڏهن ته BISPسميت لاڳاپيل انتظاميه اگهور ننڊ ستل آهي. سوشل ورڪر دربن ڪمار، گل حسن پڻاڻ، خير محمد ملاح ۽ ٻين BISPسميت ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڊرائس مافيا پاران ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ خلاف قدم کڻي مستحقين ۾ وظيفي جي رسائي کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

اهڙن خيالن جو اظهار هن ملاڪاتيار بند جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو آهي هن چيو ته عمران حڪومت عوام کي ڪجه نه ڏنو سواءِ مهانگائي جي اهڙو عمران خان عوام کي ڪجه نه ڏنو ڪوڪلو نعرا ڏيئي ملڪ ۾ مهانگائي آندي، عوام ڪيس بيزار ٿي اقتدار تان لاٿو هن چيو ته وفاقي حڪومت ايڪانامي کي بهتر ڪرڻ لاءِ مشڪل کان به مشڪل فيصلا ڪيا آهن . عوام جي ناراضگي باوجود ملڪ جي روشن مستقبل لاءِ ضروري قدم کڻي هائي بهتري ڏانهن اڳتي قدم وڌايو آهي جنهن سان ملڪ ترقي ڏانهن گامزن ٿيندو پيو وڃي جيڪو معاشي بدحالي جو بحران پيدا ٿيو آهي ان کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ زيرو کان ڪيل ڪوششون ضرور رنگ لائينديون . هن چيو ته ملڪ جي معاشي بحالي لاءِ وفاقي حڪومت جي بهتر قدمن سبب ڊالر جي اڏام کي روڪي ورتو آهي . ملڪي اقتصادي معاشي حالتن ۾ تيزي سان بهتري آڻڻ لاءِ عملي اقتدام ڪيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته عمران خان کي خدشي خبر نه آهي ته هو اسمبلي وڃي ٿو يا نه باقي پي ٽي آئي جا جيڪي ميمبر اڃان تائين قومي اسمبلي جا ميمبر آهن هنن کي گهرجي ته هو واپس ايوان ۾ موٽي اچن ٻي طرف وفاقي وزير سيد نويد قمر،پ پ ايم پي اي اعجاز شاهه بخاري پ پ ضلعي جي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر ميرحسن ملاح سان سنڌس پاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي انهي موقعي ته ضلعي ڪائونسل ميمبر سيد ڪشف شاهه ، پير عاقب جان سرهندي ، علي نواز باگراڻي ، ۽ ٻيا پڻ موجود هٽا

بقايا سنڌيار 29

پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏجي دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل ڏينهن باقراڻي ٿاڻي جي پوليس منجهند 2 وڳي منهنجي پٽ خالد سولنگي کي سنڌس ڪرياني ۽ ڪباڙ جي دوڪان تان کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن دوران پوليس ٻڌايو ته خالد سولنگي خلاف شڪايت آهي ان بعد اسان باقراڻي ٿاڻي سميت مختلف ٿاڻن تي سنڌس جي ڳولا ڪئي پر ڪٿي به سنڌس جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن ڪري سنڌس جا معصوم ٻارڙا، والدين ۽ ٻيا گهر ڀاتي سخت پريشان آهن. هن چيو ته پٽ مٿان ڪو به ڪيس داخل ناهي ڪيس بيگناهه کڻي گم ڪري ظلم ڪيو ويو آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته پٽ کي آزاد ڪرائي چانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 30

ڏني ان موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي چيو ته سنڌ حڪومت جي طرفان برسات متاثرن کي رليف نه پنهنجي جاءِ تي سنڌ جي مختلف علائقن مان اڃان تائين برساتي پاڻي به نيڪال ٿي ناهين سگهيو ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته شڪارپور جيڪو ماضي ۾ خوشبوئن جو شهر هيو اهو هن وقت انتظاميه جي نا اهلي سبب بدبودار ٿي ويو آهي ۽ شڪارپور ۾ بهتر ڊرينيج سسٽم نه هئڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ گندو پاڻي بيٺل رهي ٿو هڪ سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي چيو ته بلدياتي اليڪشن ۾ جميعت علماء اسلام سان اتحاد ٻنهي پارٽين لاءِ سٺو ثابت ٿيو ۽ ايندڙ وڏي چونڊ ۾ اتحاد لاءِ فيصلو بعد ۾ ڪبو امن امان جي حوالي سان ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي ڳالهائيندي چيو ته شڪارپور سميت سڄي سنڌ جي امن امان جي صورتحال تمام خراب آهي جنهن جو ذميوار سنڌ حڪومت آهي سنڌ حڪومت کي کپي ته مهانگائي سان گڏ امن امان تي به ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺي ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر رحيم بخش جمالي جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي سان گڏ ، زاهد نون. سلطان رند .جبران ابڙو .ديدار سومرو. ايڊوڪيٽ زاهد پهوڙ: عبدالصمد جتوئي ۽ ٻيا موجود هٽا

بقايا سنڌيار 31

آلودگي کي وڌائڻ ۽ زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪرڻ واري عمل خلاف سياسي سماجي تنظيمن پاران عدالتن ۽ انساني حقن جي تنظيمن جي ادارن سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو. قانوني ماهرين سان مشورا جاري رکڻ جو اعلان. جلد ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ عدالتن ۾ وڃڻ جو فيصلو. تفصيل موجب ضلعي گهوٽڪي ۾ 12 کان وڌيڪ صنعتي ادارا آهن. گذريل ڪيترن ئي سالن کان گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي ادارن جي انتظاميا پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ پڻ جاري آهي. ان حوالي سان ايشيا کنڊ ۾ سڀ کان وڏي ياڻ فيڪٽري ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري ميرپور ماٿيلو، اينگرو ڪيميڪل، ماڙي گئس، ڪي پي ايس فائونڊيشن، ليبرٽي پاور پلانٽ، اينگروپاور پلانٽ، او جي ڊي سي ايل، رحمت گئس فيلڊ، سميت ڪيترن ئي صنعتي ادارن فضائي آلودگي، زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪرڻ، ضلعي گهوٽڪي جي مختلف علائقن ۾ جر جو پاڻي ڪارو ٿيڻ توڙي سي ايس آر فنڊ گهوٽڪي ضلعي تي خرچ نه ڪرڻ واري عمل خلاف ضلعي گهوٽڪي جا سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ حرڪت ۾ اچي ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن مهتاب بلوچ، جاويد لاشاري، راشد مهر، منظور شيخ. ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري، ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۽ اينگرو يوريا ڪمپني پاران مقامي ماڻهن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا دروازا هميشه لاءِ بند ڪري سيڪيورٽي گارڊ، خادم مسجد کان وٺي سمورين پوسٽن تي ٻاهرين جي لوڊ ڀرتي ڪري ڇڏي آهي هاڻي ته مقامي ماڻهن لاءِ ڊيلي ويجز مزدوري جا دروازا به بند ڪري ناانصافي جي حد ڪري ڇڏي آهي. جيڪو مقامي ماڻهن سان ظلم آهي هنن چيو ته فيڪٽرين جو زهريلو پاڻي واهن ۾ ڇوڙ ڪيو پيو وڃي. جنهن سبب مال مويشي زهريلو پاڻي پيئڻ سبب مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويو آهي ۽ ڪيترن ئي مالوندن جو مال مري چڪو آهي. ٻي طرف وري ضلعي گهوٽڪي ۾ هڪ پرسنٽ به رائيلٽي ناهي ملي سگهي. جيڪا هتان جي غريب ۽ ابوجهه ماڻهن سان وڏي ناجائزي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته سي ايس آر فنڊ به ضلعي گهوٽڪي تي خرچ نه پيو ڪيو وڃي مقامي ماڻهن کي تعليم، اسپتال، صاف پاڻي جي سهولت به نٿي ڏني وڃي ڇا مقامي ماڻهو انسان ناهن. هنن وڌيڪ چيو ته ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري انتظاميا ٻوڏ متاثرين جي مدد جي نالي تي رڳو ڪوڙيون دعوائون هر آئي ڏينهن ڪيون پيون وڃن هن وقت تائين گهوٽڪي ضلعي جي سوين ڳوٺن ۾ ايف ايف سي انتظاميا يا اينگرو يوريا پاران ڪوبه رليف فراهم ناهي ڪيو ويو. ايف ايف سي انتظاميه پاران نالي ماتر جيڪو ڪم ڪيو پيو وڃي اهو من پسند ۽ سفارشي ماڻهن جو ڪيو پيو وڃي. هن مهل تائين نه ئي بهتر نموني سان سروي ڪئي وئي آهي ڪجه من پسند ماڻهن جي نالن تي جعلي بلنگ رليف فراهم ڪرڻ جو شو ڪيو پيو وڃي پر حقيقت هن جي ابتڙ آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ان سلسلي ۾ اسان جا قانوني ماهرين سان رابطا جاري آهن جلد ڪيس تيار ڪري يونائيٽيڊ نيشن آرگنائيزيشن، يونيسڪو کي موڪلڻ سان گڏ وگڏ عدالت سان رجوع ڪيو ويندو هاڻي صنعتي ادارن جو مقامي ماڻهن سان وڌيڪ ظلم برداشت نه ڪيو ويندو. ۽ نه ئي انهن کي مقامي ماڻهن سان ويڌن ڪرڻ جي اجازت هوندي.

بقايا سنڌيار 32

ميڙاڪي ۾ شريڪ هو ته پروگرام جي آخر ۾ کيس اوچتو دل جو اٽيڪ ٿيو کيس اسپتال آندو ويو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو. سنڌس اوچتي لاڏاڻي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي چيئرمين سيد جلال محمود شاهه، صدر سيد زين شاهه، اعجاز ساميٽيو، منير مگسي، سينئر نائب صدر روشن علي برڙو سميت پارٽي اڳواڻن ايس يو پي ڪراچي ڊويزن جي سيڪريٽري عبدالرزاق جي اوچتو لاڏاڻي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ چيو آهي ته عبدالرزاق شر جو لاڏاڻو پارٽي لاءِ وڏو نقصان آهي. عبدالرزاق شر جي لاڏاڻي سان پارٽي پنهنجي هڪ سگهاري اڳواڻ کان محروم ٿي وئي آهي. عبدالرزاق شر جون پارٽي لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون فوتي عبدالرزاق شر جي تدفين سپاڻي سومر ڏهاڙي سنڌس آبائي ڳوٺ جمع خان شر پڌيعدن ۾ 11 وڳي ادا ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 33

ٽيڻ لڳو ايريگيشن ڊويزن مورو جي عملو ۽ ٺيڪيدار پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري ڪروڙين روپيا ناقص ميٽيريل استعمال ٿيڻ ڪري علائقي جي آبادگارن حاجي غلام حسين مشوري . عاشق علي چانديو ۽ ٻين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ڇٽيه ڪروڙ روپيا مليل ڪرپشن جي ور چڙهي ويندا هن وقت ناقص ميٽيريل استعمال ڪيو پيو وڃي شاخ جي ڪپرن ۾ گند ڪچرو سميت مٽي وجهي رهيا آهن جڏهن ته ايريگيشن سب ڊويزن مورو جو انجنيئر ۽ ايس ڊي او سميت عملو هلندڙ ڪم مان لکين روپيا پرسنٽيج ملڻ ڪري خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي جڏهن ته سورهن ڪروڙ ٺيڪيدار اڳ ۾ بل پاس ڪرائي ڪائي ويا آهن جڏهن ناقص ميٽيريل سان ٺهندڙ جسڪاٽي مائينر ۾ هلندڙ ڪم جو اعلي آفيسر معائنو ڪري ٺيڪيدار ۽ ايريگيشن روهڙي ڊويزن جي عملي خلاف ڪاروائي ڪري جسڪاٽي مائينر جو بهتر ڪم ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 34

ڪمشنر جمشيد ٽائون ارسلام سليم اٿي سميت ٻين مختلف شين جا اگهه مٿي وٺندڙن ڇهن دڪاندارن جي مٿان ٽيهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر گلشن اقبال عبدالستار هڪڙو پنج اسٽورن مٿان مٿي اگهه وٺڻ تي پنجويهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو ويو جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر گلزار هجري اسڪيم 33 ريٽ لسٽن کان هٽي ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن مٿان ويهه هزار روپيا ڏنڊ هنيو صحافين سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر اوڀر راجا طارق چانديو منافعي خورن کي بخش نه ڪيو ويندو وڌيڪ اگهه وٺندڙ اٽي جي چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن خلاف شهري شڪايت نوٽ ڪرائين جن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 35

چڪتاڻ جاري. ساڪرو ٽائون ڪميٽي جي هارائڻ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي جي سيني گروپن جي گهارو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين شپ تي نظر هڪ پاسي ايم پي اي ps79 جام اويس گهرام جوکيو طرفان سنڌس سئوٽ جام احسان جوکيو ٽائون ڪميٽي جو بنا مقابلي جنرل ڪائونسلر ٿيو آهي ان کي نامي نيت ڪيو آهي ته ٻئي پاسي ٽن گروپن وچ ۾ چڪتاڻ جاري آهي. غلام قادر پليجي جو ويجهو ساٿي اڳوڻي چيئرمين عثمان ڪنيار چيئرمين جو اميدوار آهي. شيرازي گروپ جو هڪ اميدوار قمر مغل ڪائونسلر ٿيو آهي ۽ پارٽي عهديدارن طرفان اڃان واضح ناهي ٿيو ته چيئرمين ڪير ٿيندو پر گهارو ٽائون پ پ صدر مير بابو پنهور پڻ چيئرمين جي لسٽ ۾ شامل آهي. باخبر ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ايم پي اي جام اويس گهرام جوکيو جيل مان آزادي ماڻي دبئي ويل آهي انجي اچڻ ڪانپوءِ فائنل فيصلو ڪيو ويندو ٻئي پاسي ذريعن موجب ته سڄي ضلعي ۾ پيپلز پارٽي جتي جتي هارايو آهي انهن سيٽن تي پڻ پارٽي اندر سيٽي گروپ هڪيٽي تي ڪڙي نظر ۽ تنقيد ڪري رهيا آهن ته انهن پارٽي لاءِ ڪم نه ڪيو انڪري پارٽي هارائي وئي. هاڻي ڏسجي ته گهارو ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين ڪهڙو خوشنصيب ٿو ٿئي.

بقايا سنڌيار 36

مهراب بگٽي، سهڻو خان جکراڻي، پنهنجي معصوم پٽ ڏٽي بخش جکراڻي، سان گڏ صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو ته ڪجه لينڊ مافيا جا ماڻهو محمد پناهه رند، اڪبر رند، احمدان عرف جميل رند، محمد بخش رند، اسان جي 12 پلاٽ ۽ گهرن تي قبضو ڪري اسان کي بليڪ ميل ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. انهن الزام هڻندي ٻڌايو ته اصل ۾ ملزم لاشاري جت ذات جا آهن. جيڪي ڏهاڙي هجڻ ڪري بلوچستان کان هتي اچي پاڻ رند سڏائي ماڻهن جي پلاٽن گهرن تي قبضو ڪري بليڪ ميل ڪندا آهن. انهن چيو ته اڳ به هنن اسان جي پلاٽن تي قبضو ڪيو هو جنهن لاءِ اسان سردارن وٽ دانهن ڪئي ويا سين چنگن مڙسن وچ ۾ ويهي فيصلو ڪيو جنهن فيصلي ۾ سردار زاده مير زامران سليم اڪبر بگٽي، حق نواز بگٽي، مجيب الرحمان بروهي،ڌرين جي وچ ۾ فيصلو ڪري 12 پلاٽ اسان جي حوالي ڪيا ۽ ٻنهي ڌرين کان اهڙو فيصلو لکرائي ورتو. جيڪا لکت اسان وٽ موجود آهي. هيئنر اسان جي گهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن مٿان وري اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون .انهن چيو ته اسان سرڪاني ٿاڻي تي درخواست ڏيئي چڪا آهيون. پر اڃان ملزن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي، اسان وزير اعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، کي اپيل ڪيون ٿا ته لينڊ مافيا خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 37

حالت ۾ نواب شاهه منتقل زخمي ٿيل نوجوان کي ميڊيڪل ليٽر ڏنو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون پوليس نوجوان کي پٺي ۾ لوهي اوزار سان ڌڪ لڳل آهي ڪيس نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو آهي ڊاڪٽر تفصيل موجب ڀرياروڊ پرسان ڳوٺ عثمان ڳاهيجو واسي ٻارنهن ورهين جو نينگر ڪمند جي چيچڙي تي ڪمند ڪاٽڻ لاءِ جئين ڪمند جي چڙي ڪٽي ته ڪمند جي مالڪ زميندار علي شان آرائين پٺي ۾ لوهي رنبي هٽي ڪيس زخمي ڪري وڌو نينگر جي رڙين تي ڀرپاسي جي ماڻهن پهچي نينگر جي وارثن کي اطلاع ڪيو جنهن بعد نينگر جي وارثن زخمي نينگر کي ڪٽي ڀرياسي جي اسپتال منتقل ڪيو جتان ڊاڪٽر پاران نينگر کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويوان سلسلي ۾ نينگرجي وارث غلام رسول ڳاهيجو ميڊيا کي ٻڌايو ته نينگر بابا عاشق سائين درگاهه پرسان ڪمند جي چيچڙي تان ڪمند چڙهي ڪٽي رهيو ته زميندار علي شان آرائين مڃرجي پيو جنهن نينگر کي پٺن ۾ رنبيون هٽي زخمي ڪري وڌو هن وڌيڪ چيو ته ڀرياروڊ پوليس کي جوابدار وٺي ڏنو آهي جوابدار ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته ٻئي پاسي ڀرياروڊ پوليس رابطو ڪرڻ تي ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته زخمي نينگر کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي اسپتال روانو ڪيو آهي جڏهن ته گرفتار ٿيل زميندار بابت پوليس ڪجه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ٻئي پاسي ڀرياستي جي ڊاڪٽر هريش ٻڌايو ته نينگر کي پٺي ۾ لوهي آوزار سان ڌڪ لڳل آهي ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 38

۽ اغوا ڪري گم ڪرڻ جي خلاف نيشنل پريس ڪلب پڌيعدن اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته آءٌ صبح نماز پڙهي پنهنجي زمين تي ايس ته عاشق مجيدانو محبوب مجيدانو مزار اقبال مور، ثناالله نظير مجيدانو هٿيار ۽ ڏنڊا کڻي اچي مون سان وڙهيا آهن ۽ مون کي موت مار ڌمڪيون ڏئي اغوا ڪري ڪٽيوي هٽا هنجيوت هو چور ۽ پاٽاري دار ماڻهون آهن روپوش ماڻهون رهائن ٿا ۽ چون ٿا ته زمين اسان جي آهي تون زمين ته نه ايندو ڪر زمين اسان جي وڏن جي آهي، کاتو به اسان وٽ آهي ۽ سڄي عمر وڏن کان وٺي اسان ڪاهيندا ٿا اچون هاڻ هو بااثر ماڻهون آهن ۽ قبضو ڪرڻ ٿا چاهين زمين تي،صبح به مون کي اغوا ڪري کڻي ويا هٽا جنهن کان پوءِ مون کي پريا روڊ پوليس بازياب ڪرايو آهي ۽ ٻ جوابدار مور، مجيدانو ۽ مزار مجيدانو گرفتار ٿيا آهن پر پريا روڊ پوليس بااثرن جي ونگار وهندي اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي نه آهي. آءٌ غريب مسڪين آهيان آءٌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيرز ۽ ڊي ايس پي ڀرياستي کي اپيل ٿو ڪيان ته جن ماڻهن مون کي اغوا ڪيو ۽ تشدد ڪيو انهن جي خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي.اگر مون کي يا منهنجي گهر ڀاتين کي ڪجه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿي ڄاڻايل بااثر ماڻهون هوندا

بقايا سنڌيار 39

۽ ڪاميابي ماڻي. اُن سلسلي ۾ هاشم ڪراٽي ڪلب مڪلي پاران مڪلي تي الحاج مرحوم سيد اعجاز شاهه شيرازي جي ياد ۾ هڪ ڏينهن جي ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائي وئي، جنهن ۾ ڪراٽي جي نالي وارن ڪراٽي ماسٽرن راهو لقمان، طاهر خان، سلام، اظهار ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ چيمپيئن شپ جي نگراني ڪئي. جڏهن ته هاشم ڪراٽي ڪلب جي اڳواڻ چيمپيئن شپ جي آرگنائيزر ۽ نالي واري ڪراٽي ماسٽر هاشم ناريجو ۽ محمد علي شر ٻڌايو ته ڪراٽي چيمپيئن شپ منعقد ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن ۾ صحتمند ماحول پيدا ڪري کين سماجي براين کان بچائڻ آهي.